ڀڳت سنگهه کي ڦاسي



شيخ اياز

ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

(سنگيت ناٽڪ)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1986ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چوراسي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ايم - خان پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.
ٽائيٽل	فتاح ھالپوٽو
پھريون ايڊيشن	آگسٽ 1986ع
	قيمت:

22/- رپيا

(مصنف جا سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

BUGHAT SINGH KHAY PHASI (Opera) By SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition August 1986.

’آزادي‘، مان انهيءَ خطرناڪ لفظ کي
ڏنگين ليکن ۾ وجهان ٿو جيئن ڪنهن
وحشي جانور کي سڱن کان جهليو آهي

— هڪ يوناني ليکڪ

مهاڳ

— رشيد ڀٽي

”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي اياز“ جو ليون سنگيت ناٽڪ آهي. هن کان اڳ سنڌس ۾ سنگيت ناٽڪ ”دودي سومري جو موت“ ۽ ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ هند سنڌ ۾ ڪيئي ڀيرا ڇپجي مقبول ٿي چڪا آهن، ۽ داد وٺي چڪا آهن.

اياز جي ڀڳت سنگهه تي، يا خود ان نسبت سان اياز جي فن ۽ فڪر تي لکڻ کان اڳ، ضروري آهي ته اُن ڀڳت سنگهه، سنڌس سائين، سياسي حالتن، واقعن ۽ آدرشن تي ڪجهه لکجي، جنهن آزادي جي آهوتيءَ تي سير ڏئي سَر بلندي ماڻي، اُپکنڊ جي تاريخ جو سورمو ٿيو، ۽ اياز جي هن سنگيت ناٽڪ جو مرڪزي ڪردار يا ناٽڪ ٿيو. ان پس منظر جي مطالعي کان پوءِ ئي، پڙهندڙ هن ناٽڪ جي روح ۽ اُن جي پيغام کي رَسي ۽ سمجهي سگهندو.

ڀڳت سنگهه جو ذڪر، انهن سياسي حالتن ۽ واقعن کان سواءِ اڌورو ٿيندو، جن اُپکنڊ ۾ اهڙن آزادي جي آپاسڪن کي جنم ڏنو. جڏهن ڀڳت سنگهه هوش سنڀاليو هوندو ۽ شعور وارو ٿيو هوندو، ته ملڪ ۾ اڃا ڀهرين ”١٩١٦-١٥ع واري لاهور سازش ڪيس“ جو چوبول هوندو، جنهن ۾ غدر پارٽيءَ جي سردار ڪرتار سنگهه، بابا سبحان سنگهه، بابا روڙ سنگهه ۽ پرٿوي سنگهه وارن کي ان ڏوهه ۾ گرفتار ڪري، مٿن مقدمو هلايو ويو هو، ته هنن هٿياربند انقلاب رستي، هندستان مان برطانوي حڪومت جي پاڙ پٽڻ پئي چاهي. اُن ڪيس ۽ اُن ۾ ملوث جوابدارن ڀڳت سنگهه تي گهڻو اثر وڌو.

ملڪ ۽ عوام مان ڀهرين لاهور سازش ڪيس جا اثر اڃا

ضايع ڪئي ويا هئا، جو سياسي ڪيتر ۾ 'رولٽ ائڪٽ' جا هنگاما ۽ هڙتالون شروع ٿيون. اهڙن ئي احتجاجن دوران هڪ ڏينهن، ١٠ اپريل ١٩١٩ع تي، پوليس تشدد جي موت ۾، هڙتالي هجوم هٿان هڪ انگريز جوڙو هلاڪ ٿي ويو. ان واقعي امرتسر ۾ پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر، جنرل رچرڊ اوڊاير جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي ڀڙڪائي وڌو. هن هڪ مقامي منافق هندو همسراڄ سان ساز باز ڪري، ١٣ اپريل تي، امرتسر ۾ مشهور جليان والا باغ وارو قتل عام ڪرايو، جنهن ۾ بي‌هٿيار ۽ اڻوڄهه ٿي سؤ شهري فوجي ۽ پوليس وارا رائفلن جي گولين جو بک ٿيا. ان واقعي ساري هندستان ۾ عام طرح، ۽ پنجاب، يو پي ۽ سي پي جي علائقن ۾ خاص طرح نوجوان شعور ۽ ذهن کي ڌوڏي ڌونڌاڙي ڇڏيو. خاص ڪري انقلابي سوچ رکندڙ نوجوانن جي ذهن ۾ زلزلو اچي ويو.

هي اهو وقت هو، جڏهن عظيم روسي انقلاب ڪان پوءِ آتي سوشلزم جو ڪامياب تجربو ٿي رهيو هو. ڀڳت سنگهه جو نوجوان به ان نئين فڪر جي عالمي لهر ڪان بچي نه سگهيو. انگريزن جي تشدد وارين پالسين، ۽ ڪانگريس ۾ قوت ۽ ان جي ٻن ڌڙن ۾ ورهاڱي وجهه سبب، سياسي سرگرميون نه هئڻ برابر وڃي بچيون هيون. سياسي هل چل ۽ ڳالهه ٻولهه رڳو اسيمبلين ۾، ۽ اخباري صفحن تي وڃي رهي هئي. عوامي سرگرمي ۽ رابطا ڪونه رهيا هئا. غدر پارٽيءَ جا سرگرم ڪارڪن يا سزا ڪاٽي رهيا هئا، يا گرفتار ٿي نظربنديءَ ۾ هئا، يا روپوش ٿي چڪا هئا. ساري هندستان تي اهڙي ماٺ طاري ٿي وئي هئي جا ڪنهن ايندڙ سينواريل باهه جي ڏيکي تي هوندي آهي. پر ان ماٺ ۾ اندر ئي اندر ڪو لاوا ڏکي رهيو هو. روسي انقلاب ڪان پوءِ سوشلسٽ ۽ انقلابي ادب جو جڻ سيلاب اچي چڪو هو. مايوس ۽ نراس نوجوان ۽ سياسي ڪارڪن ان نئين سياسي ۽ سماجي فلسفي ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ان وقت، ٢٠-١٩٢١ع

ڏاري، هندستان ۾ رڳو گانڌيءَ جي 'سوراج پارٽي' ئي آهنسا جي اصول تي ٻڌل رهي ۽ ڪنهن ڪُرڪي رهي هئي، جنهن ۾ نوجوان ۽ جوشيلي ڪارڪن، خاص ڪري سوشلسٽ ۽ انقلابي ادب کان متاثر ٿيل لاءِ، ڪابه ڪشش ڪانه هئي. هو آن اهنسا وادي، ۽ بورجوا قوم پرست سياست سان مايوس ۽ نااميد ٿي چڪو هو. هو ان ڳالهه جو قائل ٿي چڪو هو ته ملڪ دشمن ۽ عوام دشمن طاقتن جو مقابلو رڳو دهشت گرديءَ ۽ هٿيار بند انقلابي جدوجهد سان ئي ڪري سگهجي ٿو.

لڳ ڀڳ اهوئي دور آهي، جڏهن ڀڳت سنگهه سياسي شعور ۽ فڪري بلوغت کي رسي ٿو. هو به انهن ئي نظرين ۽ سياسي فلسفن کان متاثر ٿئي ڏاران نٽو رهي سگهي. ملڪ جي آزاديءَ لاءِ هڪ دهشت گرد ۽ هٿيار بند انقلابي هلچل کي هو اڻ ٽر ٿو سمجهي. هن پنهنجي ويجهن ۽ گهاٽن ساٿين سان گڏجي "نوجوان ڀارت سڀا" نالي، هڪ سياسي تنظيم ٺاهي، جنهن جو مقصد هو: سوشلزم جو پرچار ڪرڻ، برطانوي راڄ خلاف سڌو قدم (Direct Action) کڻڻ، ۽ دهشت گرد جٿا قائم ڪرڻ ۽ انهن کي اهڙي سکيا ڏيڻ. جلدئي سندس سڀا پنجاب ۾ مقبوليت ۽ مشهوري حاصل ڪري ورتي، ۽ نوجوان نسل آن ڏانهن ڇڪجڻ لڳو. پنجابي نوجوان کي سياسي شعور ۽ سمجهه ٻوجهه ڏيڻ، ۽ سنئين دڳ لائڻ ۾ هن سڀا جو نمايان ڪردار، هڪ تاريخي حقيقت آهي. اِنهن شروعاتي سياسي زندگي وارن ڏينهن ۾ ڀڳت سنگهه، ڪجهه وقت لاءِ، بابا سوهن سنگهه جوش جي سوشلسٽ اخبار، "ڪيرتي" جي ايڊيٽوريل بورڊ سان به منسلڪ رهيو، جنهن سندس سياسي مطالعي سان گڏوگڏ، سياسي ڇيد ۽ ترڪيب کي به تيز ڪيو.

ان تنظيم ۾ سرگرميءَ دوران ڀڳت سنگهه جي ڄاڻ سڃاڻ، چندر شيکر آزاد، اجي - ڪمار گهوش، ڊاڪٽر گيا پرساد، ڪشوري لال ۽ ٻين سان ٿي، جي ڪُل هندستان بنيادن تي، هڪ تنظيم

هلائي رهيا هئا، جنهن جا موڙ مٿا به ڀڳت سنگهه جي ”نوجوان ڀارت سڀا“ جهڙا هئا. ڀڳت سنگهه آل انڊيا هند جماعت ۾ ترت ئي سان شامل ٿي ويو. هي اهي نوجوان هئا جي هندستان جي بورجوا قوم پرستن جي آزاديءَ جي جنگ ۽ سياست کان ۽ انهن جي حڪمت عمليءَ کان مايوس ۽ بيزار ٿي چڪا هئا، ۽ ڪين سندن نعرن ۽ پروگرام کان چڙ ۽ بڇان پئي آئي. ان ڪري هنن پنهنجي تنظيم H. S. R. A (هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ ائسوسيئشن) ناهي هئي، جنهن جي هٿيار بند انقلابي يا دهشت گردي ڌڙي کي ”هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ آرمي“ ڪوٺيو پئي ويو. هن جماعت جو نصب العين سوشلسٽ اسٽيٽ آف انڊيا هو. آزادي ۽ سوشلزم هنن جو نعرو هو. دهشت گردي ۽ هٿيار بند انقلاب کي هنن آزاديءَ لاءِ وسيلو بڻايو هو. آزاد رياست ۽ سماج جي نئين سر اڏاوت لاءِ سوشلزم هنن لاءِ رهنما آدرش هو.

١٩٢٥ع ۾ هڪ بيو ڌماڪو ٿيو. ميل ڪاڪوري (ريل ڪيرائي واري) واقعو ٿيو. گرفتاريون، وٺ پڪڙ ۽ ڇاپن جي آفت اچي ڪڙڪي. تلاشيون، روپوشيون، مطلب ته چو طرف هراس ۽ خوف جو تنبو تاڻي ڪڙو ڪيو ويو. H. S. R. A جا دفتر ۽ آکاڙا خالي ۽ ويران ٿي ويا. آکاڙا هن جماعت جي دهشت گرد ڌڙي جا مرڪز ۽ سکيا گهر هوندا هئا. آکاڙن ۾ هو دهشت گرد ۽ هٿيار بند رضاڪار ڀرتي ڪندا هئا، ۽ اتي ئي کين تربيت ملندي هئي. سکيا جا مرڪز ۽ هٿيار بارودساز فئڪٽريون به گهڻو ڪري انهن آکاڙن جي تهخانن ۾ هونديون هيون. سرڪار طرفان گرفتارين ۽ وٺ پڪڙ جي هن مهم، تنظيم کي وڏو ڌڪ رسايو. سال ڏيڍ، ١٩٢٦ع ۾ روپوش سائي، هڪ دفعو وري الله آباد ۾ ڪٺا ٿيا، ۽ ڏٺل ڪندرن تي، تنظيم جي نئين عمارت کڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. هن نئين اڏاوت ۾ اجي ڪمار ۽ چندر شيکر آزاد جو رهنما ڪردار هو.

١٩٢٨ع ۾ لارڊ سائمن جي سربراهي هيٺ ”سائمن ڪميشن“

هندستان پهتي. سارو ملڪ هڪ آواز ٿي هن ڪميشن کي رد ڪرڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو. ملڪ ۾ هڙتالن ۽ مظاهرن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو. جتي به ڪميشن وئي پئي، اتي سندس آجيان "سائمن موٽي وڃ" جي نعرن سان پئي ٿي. عدم تعاون (Non-co-operation) تحريڪ کان پوءِ، ايڏو وڏو هيجان ۽ هنگامو هندستان سائمن ڪميشن جي ردعمل ۾ ٿي ڏسي رهيو هو. عوام اڇل اٿاهه ساگر جيان اٿلي ڇوليون هڻي رهيو هو. انهن هنگامن ۽ هڙتالن جي ڏينهن ۾ هڪ خبر هندستان ۾ ٻرندڙ باهه تي پيٽرول وجهي ان کي ڀڙڪائي وئي. خبر هئي: لالا لجپت راءِ جو موت! لاهور ۾ اهڙي هڪ جلوس تي پوليس تشدد ڪيو ۽ لاٺي چارج ڪئي. جلوس جي مهنداري لالا لجپت راءِ ڪري رهيو هو. کيس ڪافي لٺيون لڳيون، اسپتال ۾ داخل ٿيو، پر بچي نه سگهيو، ۽ چند هفتن بعد گذاري ويو. سندس انتقال جي خبر ٻنپٽ وانگر ڀارت ساري ۾ ڀڙڪي اٿي. ملڪ ۾ ماتم جي لهر ڇانئجي وئي. ڏک ته جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو، جو لازمي امر هو، پر ان کان وڌيڪ اڀريل ردعمل جو عوام ۾ ٿيو، سو هو نفرت، ڪروڌ، ڪاوڙ — انگريز جي خلاف؛ ۽ بيوسي پنهنجي حال ۽ ستم ظريفيءَ تي! ڏينهن ڏٺي جو، ڪمال بيحيائيءَ سان، هزارين ديش واسين جي روبرو، ملڪ جي سياسي مدبر، عالمي شهرت واري سرواڻ کي لٺيون هڻي ماريو ويو! اسين ڏسندا رهياسين! پاڻ کان ڪجهه به نه ٿيو! ايڏي بيوسي! قانون ۽ انصاف به عوام جيان لاچار ۽ بيوس ٿي ويو!

لالا لجپت راءِ جهڙي هر دل عزيز جي اهڙي موت H.S.R.A کي شديد ردعمل تي اڀاريو. هنن پاڻ ۾ گڏجي دهشت گردي ۽ هٿيارن جي استعمال جو فيصلو ڪيو. ان پروگرام ۾ کين پهرين ڪاميابي نومبر ١٩٢٨ع ۾ ملي پئي، جڏهن انگريز عملدار ساڊرس کي، لاهور ۾، پوليس هيڊڪوارٽر اڳيان، گولي هڻي ماريو ويو. هي اهو پوليس عملدار هو (اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ

آف پوليس) جنهن لالا لجپت راءِ واري جلوس تي لاٺي چارج ڪرائي هئي. ماڻهن ۾ هاهاڪار جا هوڪارا پئجي ويا. عوام رستن تي خوشين وچان نچڻ ۽ ڀنگڙا وجهڻ لڳو. سارو ملڪ ڏونداڙجي ويو. دهشت گرديءَ جو پهريون قدم سوڀارو ۽ سرهائي وارو ٿيو. اهڙيءَ ريت ڊسمبر ١٩٢٨ع ڌاري ملڪ جون ڪيترين ئي نوجوان سنستائون ۽ سڀائون سامراج خلاف هٿيار بند جدوجهد ۽ دهشت گرديءَ لاءِ سڀي سنيري ميدان ۾ آيون. مان ۽ سانت ٿيڻ لڳي. بيمل پاڻي چڙهي وڃڻ شروع ٿي چڪو هو. H.S.R.A انهن نوجوانن کي دهشت گرديءَ ۽ هٿيار هلائڻ ۾ سکيا ڏيڻ شروع ڪئي. سکيا ۾ ريوالور ۽ پستول هلائڻ، بم ٺاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ شامل هوندو هو.

اپريل ١٩٢٩ع ۾، ملڪ اندر ڪميونسٽن ۽ ٽريڊ يونين ليڊرن جون وڏي پيماني تي گرفتاريون ٿيون. ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿي، هن مهل تائين نه رڳو مارڪسواد جو مطالعو ڪري چڪا هئا، پر ڪيترن ئي مارڪسي رهنمائن سان ڳوڙها ناتا به قائم ڪري چڪا هئا. هو انهن ڪميونسٽن سان اتحاد ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ، رضامند ٿي رهيا هئا. هنن چاهيو پئي ته ڪميونسٽ عوام الناس سان رابطو رکن ۽ انهن ۾ ڪم ڪن، ته H.S.R.A ان جو هٿيار بند جٿو ٿي ڪم ڪري. پر هڪ اختلاف اچا انهن جي اتحاد ۾ رڪاوٽ هو. ڪميونسٽن فردن جي هٿيار بند هلچل کي تحريڪ لاءِ هاڃيڪار پئي سمجهيو، ۽ H.S.R.A وري هٿيار بند جدوجهد ۽ دهشت گرديءَ ڌاران، انقلاب کي بي معنيٰ ۽ فضول پئي سمجهيو. باقي نه ته ٻنهي ۾ ڪيترن ئي مسئلن ۽ معاملن تي همخيالي ۽ اتفاق هو. جهڙوڪ: سامراج خلاف نفرت، دستور بازي يا آئيني جدوجهد جي مخالفت، سامراج ۽ حڪومت جي سڌي قدم سان مخالفت ۽ مزاحمت، ۽ سوشلزم کي سماج جي ڍانچي جو بنياد بنائڻ وغيره وغيره. ان ڪري ڀڳت سنگهه وارن ۽ سندن پارٽيءَ، ڪميونسٽن خلاف قدم کي به پنهنجي خلاف

حملو ۽ هنگامو سمجهيو، ڇو ته هنن جي خيال ۾ اها انقلابين خلاف سازش هئي، جنهن رستي سرڪار قوم ۽ عوام ۾ خوف ۽ ڀؤ پيدا ڪرڻ پئي چاهيو. هنن سوٽ ۾ عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ عمل ڪري ڏيکاريو. گرفتارين جي سلسلي کان چند ڏينهن پوءِ، مرڪزي اسيمبليءَ ۾، سرڪاري بينچن وٽ بم ڦاٽو. هي ڌماڪو عين آن وقت ٿيو، جنهن وقت اسيمبليءَ اڃا "ٽريڊ ڊسپيوٽ بل" پاس ڪري پورو مس ڪيو هو. هي بل پورهيت ۽ مزدور طبقي جي مفادن خلاف هڪ خطرناڪ سازش هو. ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿي دت ٽڏي تي ئي پڪڙجي پيا. ٻنهي تي ڪيس هليو. ٻنهي ڏوهه قبول ڪيو. پر ان ٻاس کي سياسي پرچار لاءِ ڪتب آندو يا Politicalise ڪيو. هنن بيان ۾ چيو ته هنن اهو ڪم برابر ڪيو هو، پر ائين ڪرڻ لاءِ هو مجبور هئا، ڇو جو برطانيا سرڪار ۽ سندس هندستاني سرڪار ملڪ ۾ اهڙيون سياسي حالتون پيدا ڪري رهي هئي، جو هنن وٽ ائين ڪرڻ ڌاران ٻيو ڪي ڪين رهيو هو. ڪيس جي پوري ٿيڻ تي ٻنهي کي جنم ٽيپ جي سزا ملي.

بم ڪيس جي ڪارروائي پوري ٿيڻ کان سنت ئي پوءِ، لاهور ۾ H.S.R.A جي بم ساز فئڪٽري جو ڦاٽ ڦاٽي پيو. سکديو، ڪشوري لال، ۽ ٻيا سرزمين تان پڪڙيا ويا. جئه پال ۽ پوءِ هنسراج روهڙا ساٿين خلاف ٻاس ڏني، جنهن جي بنياد تي هندستان بنياد تي گرفتاريون ٿيون ۽ ڇاپا لڳا. گهڻا سرگرم ڪارڪن، پنجاب، يوپي ۽ بهار مان گرفتار ٿي ويا، ڪي روپوش ٿي ويا، ۽ گهڻا لاتعلق ٿي رٽائر ڪري ويا. انهن حالتن گهٽ وڌ جماعت کي مايوسيءَ، نااميديءَ ۽ فراريت جي جهوليءَ ۾ وجهي ڦٽو ڪيو. ائين پئي لڳو ڄڻ کيل ختم ٿي چڪو هو. ان نراسائيءَ ۽ مايوسيءَ جو مکيه سبب اهو هو ته سندن سنت ساٿي، جن مان ٻه مرڪزي ڪميٽيءَ جا رڪن هئا، پوليس جي دٻاءَ، تشدد، اذيت ۽ لالچ لوڀ ۾ اچي متن بڪيا هئا، ۽ ٻاس

ڏني مٿن سلطاني شاهد (Approver) ٿيا هئا.

١٣ جولائي تي ١٣ جوابدارن کي هڪ مئجسٽريٽ آڏو "١٩٢٩ع واري لاهور سازش ڪيس" ۾ چالان ڪيو ويو. اڳ ڏي سزا ڪاٽيندڙ ڀڳت سنگهہ ۽ دت کي بہ هن ڪيس ۾ جوابدار ڪري پيش ڪيو ويو. ٽن ڏينهن تائين جوابدار ڪيس جي معاملي ۾ غير سنجيده رهيا. ان بعد هنن پاڻ ۾ بچاء لاء صلاح مشورو شروع ڪيو. ان وچ ۾ پوليس جي تشدد، جيل وارن جي ناروا سلوڪ ۽ جيل ۾ قنوني سهوليتن کان انڪار سبب هنن اندر جيل ۾ بک هڙتال شروع ڪئي. اها تاريخي بک هڙتال ٦٣ ڏينهن هلي. ان عمل دوران سندن هڪ ساٿي جيتن داس پراڻ تيا ڳيا. هنن جي بک هڙتال ٽوڙائڻ لاء سرڪار ڪيئي جتن ڪيا، پر سڀ اَڪل. سندن ان هڙتال ۾ غدر پارٽيءَ جو، ۽ ٻهرين لاهور سازش جو سزا يافتہ، بابا سوهن سنگهہ بہ قيدين جي حقن خاطر، اچي شامل ٿيو. نيٺ سندن قربانين رنگ لاتو. جيل جي حالتن جي جاچ وٺڻ لاء هڪ جاچ ڪميٽي ناهي وئي، جنهن ۾ اڪثريت غير سرڪاري ميمبرن جي هئي، جنهن ڪميٽيءَ سندن مطالبن جي تائيد ۾ رپورٽ پيش ڪئي. جنهن وقت جيتن داس جو مڙدو شرير جيل کان ٻاهر وڃي رهيو هو، تہ جيل سپرنٽينڊنٽ هئملٽن هارڊنگ ڪيس جهڪي سلام ڪيو ۽ سندس عظمت آڏو ڪنڌ نوايو. پر برطانيہ سرڪار ان اڏول انسان کي جهڪائي نہ سگهي، جنهن اصول ۽ آدرش خاطر جان ڏني.

ڪيس جي بچاء لاء صلاح مشوري ۽ بحث مباحثي ۾ ڀڳت سنگهہ رهنما ڪردار ادا ڪندو رهيو. اهو بچاءُ هنن قانون يا انصاف جي لحاظ کان نہ پئي ورتو. هنن چاتو پئي تہ سامراجي قوت وٽ قانون ۽ انصاف جا ٻتا ٻتا ماڻ ۽ رُخ هوندا آهن، پنهنجي ملڪ لاء هڪڙا تہ ٻيئڪن لاء ٻيا! هنن کي فيصلي جي خبر هئي. هنن بچاء ۽ بک هڙتال رستي رکيو پنهنجي سياسي پرچار جو مقصد پئي ماڻڻ چاهيو. هنن برطانوي قانون ۽ انصاف

جا پول پڌرا ڪرڻ پئي چاهيا. ان رستي ڪيس جي ڪارروائي کي پوليٽيڪلائيز ڪري پنهنجا پرچاري ۽ انقلابي لاڀ حاصل ڪرڻ پئي چاهيا. هنن ڪورٽ ۾ برطانوي سرشتي خلاف نفرت، اُن جي عدالت خلاف ڌڪار ذيکاري ۽ ان جي حڪم عدولي ڪري، پنهنجا اِهي مطلب ماڻڻ پئي چاهيا ۽ ماڻيا. هُنن انهن ڪري اِهي مقصد به ماڻڻ پئي چاهيا ته، ڏُود ڏُکندو رهي، باهه اُجهامي رڪ نه ٿئي، ۽ ماڻهن ۾ جوش ۽ ولولو قائم دائم رهي.

ڪيس هلندي به هنن ساڳي ئي روش اختيار ڪئي، يعني وڌ ۾ وڌ صورتحال کي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ اُن مان سياسي انقلابي لاڀ ماڻڻ. ڪين ان ڏس ۾ بي حساب ڪاميابي ملي، جنهن سرڪار نامدار کي ڪاوڙائي ڇڏيو. هنن جوابدارن کي جسماني تشدد ۽ ذهني پيڙائن رستي پيچي پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ويا. هو ڪڏهن به، ڪنهن آفيسر نه ڇا، پر عدالت آڏو به نه جهڪيا. ان ڪري، گهڻو ڪري هر حاضريءَ تي، ڪورٽ ۾ اندر ۽ ٻاهر، پوليس سان ڌون ڌاڌون ۽ هٿ ڦٽ ٿيندي رهندي هئي، ۽ نتيجي ۾ ڏکيون ڏکيون التوائون تاريخون پونديون هيون، جنهن مان جوابدار وڏيڪ سياسي لاڀ حاصل ڪندا هئا، عوام ۾ هنن لاءِ وڏيڪ همدرديون پيدا ٿينديون هيون، ۽ سرڪار ۽ سامراج وڏيڪ ذليل ۽ خوار ٿيندو هو.

مقدمو، ڪِ‍ول جيان، گِهل سان، نوَ مهينا هليو. ان عرصي ۾ رڳو چند سرڪاري شاهدن جا بيان ٿي سگهيا. نوٽ سرڪار پنهنجا غير انساني ۽ غير اخلاقي حربا استعمال ڪيا. هندستان جي وائسراءِ، ”لاهور سازش ڪيس بابت، ١٩٣٠ع وارو اسپيشل آرڊر“ جاري ۽ لاڳو ڪيو. ان آرڊر هيٺ مقدمو مئجسٽريٽ جي عدالت مان ڪڍي، هڪ خاص تشڪيل ٿيل ٽربيونل جي حوالي ڪيو ويو. هنگامي حالتن ۽ امن و امان جي صورتحال جو بهانو ڪري، ان آرڊر ۾ عجيب و غريب ڳالهيون

زڪيون ويون. ڪيس هلائڻ لاءِ جوابدارن يا سندن وڪيلن جي ڪورٽ ۾ موجودگي ضروري نه هئي! جوابدارن کي بچاءُ وٺڻ جو حق به ڪورٽ جي مرضيءَ تي هو! ٽربيونل کي موت تائين سزا ڏيڻ جو اختيار هو. آن جي فيصلي خلاف ڪابه اپيل نه ٿي ٿي سگهي. ان ساري ٽڪ ساز جو مقصد صاف ۽ واضح هو، يعني جوابدارن جي سياسي مطلب ماڻڻ جي اٽڪل کي ختم ڪري سگهجي، ۽ جوابدارن کي ڪيئن به سزا ملڻ گهرجي، جنهن جا مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ امڪان گهٽ هئا، ڇو ته اڪيلي پوليس عملدار بيان ۾ ڀڳت سنگهه کي ڪورٽ آڏو سڃاڻڻ کان انڪار ڪيو هو، ۽ سلطاني شاهدن مان به ٻه ڦري ويا هئا.

جوابدار ڪورٽ ڏانهن ايندي يا ڪورٽ ۾ سياسي نعرا ۽ جملا استعمال ڪندا هئا، ۽ ائڪشن پڻ. ان ڪري پهرين حاضريءَ تي ٽربيونل آرڊر ڪيو ته هنن کي هٿڪڙيون هڻي ڪورٽ آندو وڃي. ٽربيونل تي هڪ مقامي ميمبر آغا علي حيدر به هو، جنهن ان حڪم ۾ ٽڙ ٿيڻ کان انڪار ڪيو. نتيجو ظاهر هو! ٻي ٽربيونل ٺاهي وئي، جنهن مان آغا علي حيدر جو نالو گم هو. نيٺ ڪيس هليو. اهو ڊرامو ٽربيونل آڏو به پنج مهينا هلندو رهيو. فتويٰ ڏنهي پئي آهي. آڪٽوبر ۱۹۳۰ع ۾ رکيو ٻڌائي وئي. راج گرو، سکديو ۽ ڀڳت سنگهه کي ڦاسيءَ جي سزا ملي، ستن ڄڻن کي جنم ٽيپ لڳي، ٻن ڄڻن کي مختلف مدت جون جيل جون سزائون مليون، ۽ اجي ڪمار گهوش کي ثابتي نه هئڻ جي بنياد تي ڇڏي ڏنو ويو. سڄي هندستان ۾ ”ڀڳت سنگهه زنده باد“ جو نعرو گونججي ويو. هن جي شروع ڪيل، ”انقلاب زنده آباد“ جي نعري، قومي تحريڪ کي وطن دوست انقلابي تحريڪ جو روپ ڏنو، ۽ ”وندي ماترم“ جي جاءِ تي اهو نعرو آيري آيو. لڪن نوجوانن ۽ سياسي ڪارڪنن جي زبان تي ڀڳت سنگهه جو نالو هو. هر وطن دوست انقلابيءَ جي من مندر ۾ هن جي مورتي ويهجي ويئي. هندستان جي همعصر

تاريخ ۾ چند اهڙا مقدما ٿيا آهن، جن ۾ هن لاهور سازش ڪيس جيان آخر تائين عوام جي دلچسپي ۽ اوسيئڙو رهيو آهي، ۽ سارو وقت عوام جي ڌيان جو مرڪز رهيا آهن. هن ڪيس جو هيرو ڀڳت سنگهہ اڄ صديءَ تائين، ڪيترن ئي قصن، ڪهاڻين، داستانن ۽ ٽوٽڪن جو سورمو يا ناٽڪ رهيو. هو ڄڻ ديومالائي سورمو يا ڪردار ٿي پيو هو.

سزا کان پوءِ ڪجهہ وقت ڀڳت سنگهہ وارن جي حياتي آس ۽ نراس جي لهرن وچ ۾ لڏندي رهي. ڪانگريس ۽ سرڪار ۾ ڳالهہ ٿي رهيو هو. سڀ کي اها توقع هئي تہ ڳالهہ جو هڪ شرط لاهور سازش ڪيس جا قيدي بہ هوندو. موت بجاءِ سزا جنم ٽيپ ڪئي ويندي. پر ائين نہ ٿيو. جيئن جو هي جوڌا اهنسا وارا نہ هئا، ۽ ڪانگريس گانڌيءَ جي اهنسا واري اصول تي ڪارفرما هئي، هي وطن دوست انقلابي هئا، ۽ ڪانگريس سرمائيدارن ۽ مٿين وچولي قوم پرستن جي نمائنده جماعت هئي، ان ڪري عوام ۽ ڪيترن ئي ڪانگريسي ڪارڪنن جي خواهشن ۽ مطالبن جي باوجود، "گانڌي-ارون پئڪٽ" ۾ اهڙو ڪوبہ شرط نہ اچي سگهيو. جڏهن ١٩٣١ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو تہ اتي بہ ڪن اهو سوال اٿارڻ چاهيو. آهي خاص ڪري آچي-ڪمار گهوش ۽ سر ڊيسائيءَ جي ڪابي ڌر سان واسطو رکندڙ هئا. سباش چندر بوس جهڙي ماڻهوءَ هام هڻي چيو تہ برطانيہ سان ڪيئن پئي ڳالهہ ٿي سگهيو. هنن ۽ برطانيہ جي وچ ۾ رت جو سمنڊ ۽ لاشن جو پهاڙ هو. پر اجلاس جي ڪارروائي ۾ هُن ٻڙڪ نہ ٻولي. آچي-ڪمار ۽ سر ڊيسائي ارون پئڪٽ تي ڳالهايو، پر ٻن جو آواز ڇا ٿو ڪري سگهي! ٺيڪ ان اجلاس جي ڪارروائي هلڻ واري ڏينهن ۾ ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين کي، لاهور جيل ۾، ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. ان وقت سندس عمر ٢٣ سال هئي. سندس شهادت تي سارو هندستان رنو هو. هو هيو بہ تہ ساري ديش جي اکين جو تارو!

نئين هندستان جو انساهہ، جوش ۽ ولولو! جنهن ملڪ مان سامراجي اقتدار ختم ڪري، جنم ورتو ته هڪ آزاد جمهوري سوشلسٽ رياست قائم ڪرڻ پئي چاهي! ڪروڙين هند واسين جي سپنن کي ساڀيا جو روپ ڏيڻ پئي چاهيو.

لاهور ڪيس جي سزا کان پوءِ H. S. R. A گهڻو پوئتي پئجي ويئي. گرفتاريون، سزائون، روپوشين پارٽيءَ کي نيپوڙي نيستو ڪري ڇڏيو. ڪيترن ئي رهنمائن جي غداريءَ ڪري شڪ شبها وڌي ويا. هر ڪو پئي ٻئي تي پوليس جي مخبر هئڻ جو شڪ ڪرڻ لڳو. باهمي اعتماد ۽ ڀروسو ختم ٿي ويو. فنڊ ۾ گهوٻيون لڳڻ شروع ٿيون. ڪي شخص پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ڌاڙن ۽ ڦرڻ تي لهي پيا. ان ڪري عام جو وسواهہ به ڏڪرندو ويو. آفي باقي ڪسر چندر شيکر آزاد جي موت پوري ڪئي، جنهن H.S.R.A کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. ان بعد هي تنظيم وري سنڀرين لڳي نه ٿي. پارٽيءَ کي ڪٺو رکندڙ فرد ۽ قوتون ختم يا ڇڙوڇڙ ٿي ويون. جنهن ڪري مايوسي ۽ فراريت ڇائنجي ويئي. ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين جي جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان ٺهيل پارٽي تتي صفحہ هستيءَ تان هوريان هوريان گم ٿي رهي هئي، ۽ ان سچ جي ساک پري رهي هئي ته، وچولي طبقي جي انقلابي تنظيم، جا فردن جي عمل ۽ سرگرمي کي اهميت ڏئي ۽ آن تي ڀاڙي ٿي، سا نه رڳو قوم کي آباري ۽ اعتماد ۾ نٿي وٺي سگهي، پر پنهنجي اندروني ايڪي ۽ سالميت لاءِ به، فردن ۽ انهن جي ڪردارن جي محتاج ٿي رهي.

اجي-ڪمار گهوش ڪيس پوري ٿيڻ بعد سنت ٿي وڃي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا ۾ شريڪ ٿيو. جن ستن ساٿين کي جنم ٽيپ لڳي هئي، تن کي (گهڻي ياگي) انڊمان-نڪوبار ٻيٽن ڏانهن آماڻيو ويو، جو علائقو تن ڏينهن ۾ ”ڪارو پاڻي“ سڏبو هو. انهن مان مهابير سنگهہ، انڊمان ۾ هڪ بک هڙتال دوران گذاري ويو. انڊمان جي چئن قيدين، سزا هلندي ئي،

ڪميونسٽ پارٽي ۾ شرڪت ڪئي، جن جا نالا آهن، ڪشوري لال، ڄڻه ديو، شو ورما ۽ ڊاڪٽر گيا پرساد. چندر شيکر آزاد به سنت ئي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هليو ويو. انهن سڀني شدت سان اهو محسوس ڪيو ته ساميوادي انقلابي راهه، عمل کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو هند جي عوام جي نجات ۽ ڇوٽڪاري لاءِ مناسب نه هو.

اهي هيون آهي سياسي حالتون ۽ واردانون، جن جي پس منظر ۾ ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين جي پارٽي H.S.R.A جڙي، باعمل ٿي، ۽ پنهنجي منطقي نتيجي کي پهچي، ٿڻي گم ٿي وئي. ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين ۽ تنظيم جو هندستان جي سياسي تاريخ ۾ اهم ڪردار رهيو. هنن نوجوانن جي ذهن ۾ ماڻدان مچايو، ۽ ساميوادي انقلابي راهه عمل لاءِ رستو ٺاهيو. باقي خود تنظيم جو اهوئي حشر ٿيڻو هو ۽ ٿيو. ڇو جو اهو چند فردن تي مبني هئي. ان جون پاڙون يا بنياد عوام الناس (Masses) ۾ نه هو. ان ساري تحريڪ ۽ جدوجهد ۾ قابل قدر ۽ تحسين جوڳي ڳالهه آهي: ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين جو آزادي ۽ وطن دوستيءَ جو جذبو، ديس جي آزاديءَ لاءِ سامراج خلاف نفرت ۽ اٽل ارادو، پنهنجي آدرش ۾ اٽل ۽ اڻ موت ويساهه، ۽ خود سندن ڪردار جي بلندي ۽ اُتمتا. ان ڪري ضروري آهي ته ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين جي شخصيتن ۽ ڪردارن ۾ به ڪي جهاتيون پائجن.

قداور، ڏگهو، لٺي ڪپڙي کان بي پرواهه، شوبازي کان پري، ان جي باوجود به رعبدار ۽ پُروقار شخصيت وارو شخص ڀڳت سنگهه هو. اکين ۾ چالاڪيءَ واري چمڪ ۽ چهري ۾ ذهانت ۽ اعتماد جي رڱ ڪ، ان قد ڪاٺ ۽ حليي سان هو پهرين ته انقلابي ليڊر لڳندو ئي ڪين هو. جوشيلو، جذباتي، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو ڀنڊار، سدائين ميٽنگن ۾ اختلاف ڪندو، پر پارٽي نظم ضبط جو ايترو پابند جو مرضيءَ خلاف فيصلي تي به عمل

۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪندو. ڪمال قوت ارادي جو مالڪ ۽ همت جو پتلو، گرم مزاج ۽ جلد چڙي وڃڻ وارو. پر اها ڪاوڙ ۽ چڙ بالڪل عارضي هوندي هئي. سنت ئي پنهنجي غلطي ۽ زيادتي جو احساس ٿيندس، تہ اڳلي کان معافي وٺڻ ۾ دير يا شرم نہ ڪندو. خلوص ۽ سچائي، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي گهڻو وقت دل ۾ رهڻ نہ ڏيندا هيس. سڪ، پيار، ڀاڀوهہ ۽ همدرديءَ جو مجسمو هو. نادار ۽ هيڻن ساٿين لاءِ قرب ۽ آٿت جو اڇهل ڀنڊار هو. صاف دل، جو اندر سو ٻاهر! ڪا بہ لڪ چپ ڪانہ. بيباڪ ۽ منهن ڦاٽ. پيارو اهڙو جو پنهنجا تہ ڇا، ٿوري واقفيت وارا بہ مٿس ساهہ پيا ڏيندا. مطالعو، خاص ڪري سياسي ادب جو، سندس مشغلو هو. مارڪسي ۽ انقلابي ادب، ترجيح ۽ شوق سان پڙهندو هو. سندس ساٿين جو چوڻ آهي، تہ جيل ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين بہ هو مارڪس ۽ لينن جو مطالعو ڪندو رهندو هو. اجي ڪمار گهوش جو ڪجهہ هن بابت لکيو آهي، سو ڪافي سچائي جي نظرن مان گذريو هوندو، پر تازو (هن سال ئي) سندس ڀاءُ ڪرتار سنگهہ جو انٽرويو، بي بي سي جي هندي سروس تان نشر ٿيو هو، جنهن بہ ان ڳالهہ جي تصديق پئي ڪئي تہ هو آخري ڏينهن ۾ مارڪس ۽ لينن جي اثر ۾ اچي چڪو هو، ۽ ذهني طور ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هو.

۱۹٦۸ع ۾، عوامي ادبي انجمن جي تنظيم جي سلسلي ۾ مان لاهور ويو هوس، ۽ پنجابيءَ جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان مليو هوس. مصور، فنڪار موجد ۽ ناميار اردو، پنجابي شاعر ۽ ڪنهن وقت جي ٽريڊ يونين ليڊر مرحوم تنوير نقويءَ سان گڏجي، ان سلسلي ۾، سمورجي، فلم انڊسٽري جي مشهور موسيقار مرحوم خورشيد انور سان بہ مليو هوم. هن سان ملڻ جو ٻيو مطلب ڪجهہ ڀڳت سنگهہ بابت معلوم ڪرڻ بہ هو. خورشيد انور بہ H.S.R A جي بنيادي

ميمبرن مان هو، ۽ لاهور سازش ڪيس جي جوابدارن مان هڪ هو. پر پوءِ ساٿين تي ٻڪيو هو، ۽ سلطاني شاهد ٿي معافي ورتي هيائين. ڪيس هلندي، ڪورٽ آڏو بيان ۾، هو پنهنجي پهرين ڏنل ٻاس ڪان ڦري ويو هو. مرحوم خورشيد انور به ڀڳت سنگهه بابت اهو ڪجهه ٿي ٻڌايم، جو اجي ڪمار گهوش جي ليک ۾ پڙهيو هوم يا پوءِ ڀڳت جي ڀاءُ ڪرتار سنگهه جي انٽرويو مان معلوم ڪيم. سندس همعصر ۽ همعصر آواي ۾ سڀ کان اول ڀڳت سنگهه ئي مارڪسزم طرف متوجهه ٿيو هو. هن ۾ ڪي به مذهبي مونجهارا يا پابنديون ڪونه هيون. ظاهري طرح هو ڪو به اهڙو عمل شعوري يا لاشعوري طور نه ڪندو هو، جنهن سبب چئي سگهجي ته هو مذهبي ماڻهو هو. آخر ۾ هو ان نتيجي تي پهتو هو ته انفرادي هٿياربند جدوجهد ۽ دهشتگرديءَ بجاءِ، عوامي هٿياربند جي جدوجهد ئي آزاديءَ جي صحيح راهه هئي، ۽ آزاد هندستان لاءِ سوشلسٽ بنياد ئي بهتر سماجي سرشتو هو. اهوئي سبب آهي جو مقدمي هلڻ دوران، ١٩٣٠ع ۾، سوويت روس ۾ انقلاب جي سالگرهه جي موقعي تي هن جيل مان سوويت روس ڏي مبارڪون موڪليون هيون، ۽ ڪيس سندس دشمن خلاف مدد جو يقين ڏياريو هو.

سياءَ ۾ ڀڳت سنگهه جو ضد هو چندر شيکر آزاد! تحمل، صبر ۽ ضبط جو مجسمو. هي H.S.R.A جي چند باني ميمبرن مان هو. هن ۾ انتهائي درجي جون انتظامي ۽ تنظيمي خوبيون هيون. ١٩٢٥ع واري ڪاڪوري ڪيس جو جوابدار هو، پڪڙيو ڪونه، پر روپوش ٿي، زير زمين، پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. ١٩٢٦ع ۾ پارٽيءَ جي نئين سر تشڪيل ۾ اهم ۽ نمايان ڪردار ادا ڪيائين. ڪم ڪندي، تنظيمي يا هٿياربند جدوجهد واري، ڪڏهن به پريشان يا هلاڪ نه ٿيو. سخت جان، فولاد جسم ۽ بي ڊپو بهادر! باعمل اهڙو جو ناسازگار ۾ ناسازگار حالتن ۾ به ڪم ڪندو رهندو، ۽ ان کي پورو ڪري پوءِ ساهي پٽيندو.

ذهانت ۾ ڀڳت سنگهه کان گهٽ هو، ڇو جو مطالعو گهٽ ڪندو هو. ان ڪري نون نظرين جي ڇاڻ گهٽ ۽ دير سان پوندي هيس. ساٿين ۾ ”شعلو“، ”ٻاهر جو پڙڪو“ ۽ ”ڌماڪو“ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. ڀڳت سنگهه کان پوءِ، پوليس لاءِ هي شخص وڏو ڌهڪاءُ ھوندو ھو. اٿين نہ سمجهجي تہ هو ڪو ڪٺور دل ۽ انساني احساس ۽ نازڪ جذبن کان پالهو هو. ڪچهريءَ ۾ هو خوش مزاج ۽ زندهہ دل مشهور هو. سدائين سنجيده ڪين هوندو هو، پر موقعي مهل سان ڪـل چرچو بہ ڪري وٺندو هو. نظم ۽ ضبط جو ايترو پاٻند هو جو پاڻ کي بہ نہ بخشيندو هو. هن جي رٿيل منصوبي يا رٿا جي ناڪاميءَ لاءِ سوچي ٿي نہ سگهبو هو. سندس حڪمت عملي ايڏي ڪامياب ۽ سنڌاتي هوندي هئي. هن کي پاڻ ۾ وڏو ويساهہ ۽ اعتماد هوندو هو. جيل ۾ مطالعي طرف گهڻو متوجهہ ٿيو. مارڪسزم ۽ انقلابي جدوجهد تي ڪافي ڪتاب پڙهيائين. آخر ان نتيجي تي پهتو تہ مارڪسي نظريئي مطابق هاري ۽ مزدور کي منظم ڪري، عوامي انقلاب لاءِ جدوجهد ڪجي. ان ڪري جيل مان نڪرڻ بعد ٿي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شرڪت ڪيائين. هو پوليس سان هڪ هٿياربند مقابلي ۾ مارجي ويو.

ٻندرو قد، ڦڙت بدن، مڇون ولپل، منهن تي سدائين شرارت ڀري مرڪ وارو جوان هو، ڪشوري لال. سچ جي مروڙ ۽ مرڪ مرڻ گهڙيءَ تائين نہ ويس. هر گنڀير صورت حال ۽ ڏکين گهڙين ۾ بہ ڪشوري لال کونہ ڪو مزاج جو عنصر ڳولي لهندو هو، ۽ پوءِ چرچن سان ساٿين کي کلائيندو رهندو هو. بک هڙتال ۽ تشدد دوران بہ هن جي کـِل ٽوڪ بند نہ ٿيندي هئي. ڪورٽ ۾ بہ هو ماٺ نہ ڪندو هو. جج يا ڪنهن پوليس عملدار جي حليي، پـهـِرَ يا ڊريس ۾ ڪونہ ڪو مزاج جو عنصر ڪڍي، پوءِ شروع ٿيندو پنهنجي رنگ تي کلائي کلائي پيٽ ۾ سور وجهندو، ڪارروائي رڪجي ويندي.

دب ڀڃائڻ تہ اُن تي اهڙي عجيب و غريب شڪل ٺاهيندو جو ويٺلن ۽ ڏسندڙن کان ٺهڪ نڪري ويندا. جيل ۾ سپاهين ۽ سنگت کي چرچي جو نشان بڻائيندو. چرچو اهڙو ڪندو جو خود نشانو بہ کلڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو. ان غير سنجيده ۽ کلندڙ ڇهڪندڙ ڇهري جي پويان هڪ سنجيدو انسان، سچاجهي دل ۽ فولادي ارادي وارو بہ رهيو پيئي. لاهور جي قلعي ۾ جو هن تي تشدد روا رکيو ويو ۽ جنهن پيڙا مان هن کي گذرڻو پيو، سا ڇگن پلن کي ڀڃڙي ڇڏڻ واري هئي، پر هي همراهہ اُن مهل بہ کل چرچي ۾ سختيون سور سهندو ويو ۽ ٻڙڪ نہ ٻوليائين. سندس بي ڊپائي، قوت ارادي ۽ آهني تنتي سرشتي جو جيل جي آفيسرن بہ اعتراف ڪيو آهي.

سنگت ۾ سڀ کان گهڻو سوچيندڙ هو ڀشو ورما. هي H.S.R.A جو بو پي لاءِ آرگنائيزر هو. موت جي سزا جي اميد ۾، سدائين مطالعي ۾ گذاريندو هو. پڙهڻ کان پوءِ هن جو پيو مشغلو يا وندر شطرنج هئي. سدائين توري تڪي، ڇنڊي ڇاڻي ڳالهائيندو هو. جوش، اتساهہ يا ڪاوڙ ۾ ڪڏهن ڪين ايندو هو. ويساهہ ۾ ئي نہ ايندو تہ ڪو هي ماڻهو ريوالورن ۽ بمن واري پارٽيءَ جو رڪن ٿي سگهي ٿو. ڪاڪوري ڪيس جي وٺ پڪڙ کان پوءِ پارٽيءَ جي تنظيم نوَ ۾ بہ هن جو اهم ڪردار رهيو. روسي پورهيت انقلاب ۽ ان طبقي جي هلچل جي ڪاميابيءَ هن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. سوشلزم ۽ انقلاب جي موضوع تي جو ڪتاب هٿ چڙهندو هوس، سو پڙهندو هو. هي انڊمان ٻيٽ ۾ سزا ڪاٽڻ دوران ٻين ڪن ساٿين جيان ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو هو.

ان ڀشو ورما جو ننڍي هوندي جو دوست هو ڄمديو. اصل ڄڻ هڪ جان ٻہ جسم. پر سندن سوچڻ ۽ سڀاؤن ۾ فرق هو. ڄمديو قداور ۽ ڪشرتي بدن وارو جمانڻو جوان هو. راندين جو شوقين، ۽ طبعاً ماٺو ۽ حليم. وطن لاءِ حب، عوام

لاءِ پيار ۽ همدردي، غريبن سان همدردي، هنن ٻنهي ڌرين ۾ قدر مشترڪ هئا. عدم تعاون تحريڪ کان سياست ۾ پير پائڻ بعد ۱۹۲۵ع ۾ H.S.R.A ۾ شامل ٿيو. سندس لاڙو به شروع کان سوشلزم طرف هو. عوام الناس ۾ گهڙي انهن ۾ رلي ملي ويندو هو. ان ڪري گهٽي پاڳي هارين نارين، پورهيتن ۽ هريجنن جي بستين ۾ نظر ايندو هو. مئي ۱۹۲۵ع ۾ شوورما ۽ ڊاڪٽر گياپرساد سان گڏ، هڪ بم ساز فئڪٽريءَ مان گرفتار ٿيو. لاهور سازش ڪيس ۾ جنم ٽيپ لڳس، ۽ انڊمان ۾ ڪميونسٽ هلچل سان وابسته ٿي ويو.

هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ ائسوسيئيشن/آرمي ۾ اڪثر سڀ ميمبر ننڍيءَ ڄميءَ وارا يا عمر جي ٻئي ڏهاڪي اندر وارا هئا. انهن ۾ هڪ ڊاڪٽر گياپرساد ئي وڏي عمر وارو، پرڻيل ۽ ڪرت ڪار وارو ماڻهو هو، جو ڊاڪٽري پيشي سان منسلڪ هو. ڪنريل ننڍي ڏاڙهي سندس شڪل کي پرڪشش ۽ پيارو بڻائيندي هئي. هيءُ به عدم تعاون هلچل کان سياست ۾ آيو، ۽ بعد ۾ هين دهشت گرد تنظيم ۾ شامل ٿيو. هن جي ڏاڙهي ۽ ڊسپينسري پارٽيءَ لاءِ وڏي وٿ هيون. سندس ڊسپينسري ته ڄڻ پارٽيءَ لاءِ گڏجاڻيءَ وغيره جو مرڪز هوندي هئي. جتي پهچندو يا ويندو ته اتي ڊسپينسري کوليندو. بس ڄڻ پارٽيءَ لاءِ (خاص ڪري يو.پي ۾) مرڪزي نڪتو Nucleus ٿي پيو! هن پنجاب ۽ يوپيءَ ۾ سرگرمي سان ڪم ڪيو. پارٽيءَ ۾ جيڪو هو نوجوان ساٿين لاءِ پيءُ ماءُ هو. صفائيءَ جو سخت پابند هو. جيل ۾ هر ڏينهن ڏينهن هنڌ جي چادر مٽيندو. ساٿين کي به اهڙي تلقين ڪندو. نه ڪندا ته پاڻ بنا حجاب ۽ حياءَ جي انهن جو ڪم ڪندو. شرمسار ٿي نيٺ نوجوان پاڻ پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪندا هئا. همدردي ۽ خلوص جو مجسمو هو. جيل ۾ هو هڪ بزرگ سان گڏوگڏ ڄڻ ڪلب يا ميس جو مئنيجر به هو. ماني ٽڪي، ٽانو ٽپي، لٽي ڪپڙي، هنڌ بستري، ڪتاب ڪڙي، سامان سڙي، هر شيءِ جو بندوبست سندس بلي هوندو هو. هو پاڻ به سٺو

راڌو هو ۽ لذيذ کاڌو تيار ڪندو هو. ساڳي ئي وقت هو نوجوان سائين جو ڊاڪٽر به هو ته نرس به، مئنيجر به هو ته شيواڌاري يا خادم به! لاهور سازش ڪيس ۾ هن کي به جنم ٽيپ ملي، ۽ انڊمان ۾ هن به ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي.

اهو هو هن سنگيت ناٽڪ جو سياسي پس منظر، سياسي واقعن جو تاڃي پيٽو، ۽ ان ۾ روپ ڌارين جي ڪردار جي جهلڪ، جنهن کان پوءِ، پڙهندڙ هن ناٽڪ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهندا ۽ سهڻي نموني ان جو اپياس ۽ پرک ڪري سگهندا. هاڻي اچون ٿا اياز جي ڀڳت سنگهه تي. اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ مان ڪجهه پنهنجي ماضيءَ (منهنجي ۽ اياز جي) ۾ به ڏسڻ چاهيان ٿو.

اڄ مان اياز تي ڪو ٽيويهن سالن کان پوءِ لکي رهيو آهيان. سال ۱۹۶۳ع ۾ مون اياز جي پهرين شعري مجموعي ”ڀنور ڀري آڪاس“ تي اپياس ۽ پرک لکي، ماهنامي ’نئين زندگيءَ‘ ۾ ڇپرائي هئي. سنڌ ۾ محشر مچي ويو. ان وقت اياز جي شخصيت، فن ۽ فڪر (جو اسان سڀني جو ساڳيو هو) تڪراري هئا. مضمون ڇپجڻ سان ئي ڪڪر ۾ ڪڙو لڳي ويو، نئين ۽ پراڻي، ترقي پسند ۽ رجعت پرست، وطن دوست ۽ ديش دروهين، قوم پرستن ۽ قوم فروشن، جمهوري ۽ غيرجمهوري قوتن درميان تضاد واضح ٿي اڀري آيا. تضاد تيز حل ٿيڻ لڳا. اسان پاڻ کي سوڀارو پاتوسين. وطن دوست، انقلابي، قوم پرست ۽ ترقي پسند قوتون سنڌي ادبي ۽ دانش جي دنيا ۾ ڪامران ٿي مٿي اڀري آيون. اهو لازمي امر هو ۽ ٿيڻو هو. اسان جو پاسو سگهارو ۽ سگهارو ٿيندو ويو ۽ اڃا به ٿي رهيو آهي. ان ساري عمل ۾ اياز ۽ اسان سڀ گڏ هياسين؛ ۽ مان ته هاڻي به ائين ئي ٿو محسوس ڪريان. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪن حلقن ۽ گروهن ۾ اياز جي شخصيت متنازع ۽ تڪراري تصور

ڪٿي وڃي ٿي. پر هو تڪرار يا شخصي تضاد وروڌي يا خصومت وارو Antagonestic نہ آهي. اهو پنهنجو، اندروني ۽ آروروڌي تضاد آهي، جو اسان ۾ پاڻ ئي حل ٿي ويندو. هڪ خيال ۽ نظرين وارين پارٽين ۾ ۽ حلقن ۾ اهڙا تضاد اڀرندا رهندا آهن، جا صحت مندي‌ءَ جي نشاني آهي. باقي اياز جي فني بلندي ۽ فڪر جي سچائي‌ءَ کان تہ اڄ ڪوبہ انڪار نہ ڪندو.

اياز جو فن ۽ فڪر سنڌ جو ۽ سنڌ لاءِ آهي، جنهن تي هر ڪنهن جو حق آهي، هو ۽ رهندو. سندس فن ۽ فڪر جي عوام ۾ مقبوليت اڄا بہ اهائي آهي، جا تڏهن هئي جڏهن اياز سنڌ جي سياسي، ثقافتي ڪيتر ۾ "سنڌ جو آواز" ٿي اڀريو هو. اڄ بہ اياز جو ڪتاب ڇپجي بازار ۾ اچي ٿو، تہ هٿون هٿ کپي ٿو وڃي. اڄ بہ سنڌ اندر ڪوبہ سياسي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙ، اياز جي شعر سان شروع ٿئي ۽ ان سان ئي پڄاڻي‌ءَ کي رسي ٿو. هر ترقي پسند ۽ قوم پرست تنظيم اياز کي جلسن جلوسن ۾ ڳائي ۽ پڙهي ٿي. ۱۹۸۳ع واري جمهوريت جي بحالي‌ءَ واري تحريڪ دوران جيل ياترا وقت مون کي اياز جي هر ڌر ۽ پارٽي‌ءَ ۾ مقبوليت جو تجربو ٿيو. ان هلچل ۾ هر قسم جي جماعت جا ڪارڪن گڏ هئاسين. پر اسان ۾ مشترڪ شئي جمهوريت جي بحالي ۽ اياز هو. هر گڏجاڻي ۾ اياز ڳائبو هو. هر نئين قيدي جي آجيان اياز جي گيت سان ٿيندي هئي، ۽ هر قيدي جي رهائي‌ءَ يا جيل بدلي‌ءَ وقت، الوداع اياز جي گيت سان ٿيندي هئي. سو اياز جي فني ۽ فڪري عظمت ۽ مقبوليت کان انڪار ڪرڻ جي همت ڪري مان سچ کان اکيون ڪين پوريندس.

جيتري قدر مون کي ياد ٿو پوي، هيءُ سنگيت ناٽڪ اياز ۱۹۷۰ع کان اڳ لکڻ شروع ڪيو هو. يا گهٽ ۾ گهٽ پهريون منظر ۱۹۷۱ع کان اڳ لکي پورو ڪيو هو. سن ۱۹۷۱ع جو سال اسان پنهي، بنگلاديش بحران دوران، سرڪاري مهمان

جي حيثيت ۾ گهڻو وقت گڏ سينٽرل جيل سکر ۾ گذاريو هو. ات اياز هن ناٽڪ جو پهريون ڊيک مون کي ٻڌايو هو. ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هن ڦاسيءَ جو عمل مشاهدي هيٺ آڻڻ پئي چاهيو. جيل ۾ ڦاسي گهاٽ (Condemned Prisoners Ward) ۽ ڦاسي (Gallows) اسپتال جي پرسان آهن، ۽ منهنجي ڊيوٽي (ڇو جو مان سزا ڪاٽل قيدي هوس) اسپتال ۾ ميل نرس (Male-Nurse) طور لڳي هئي، ۽ مان رهندو به اسپتال ۾ هوس. ڦاسيءَ تي ڊاڪٽر سان هڪ نرس به ويندو هو. عملدارن سان ملي اياز به بندوبست ڪيو— ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اسان انسان کي سوليءَ چڙهندي ڏٺو! اتفاق سان سوري تي ويندڙ شخص به آهي هئا، جن جو پس منظر اسان ۾ هنن لاءِ همدردي جو جذبو پئي اڀاريو ۽ سرڪار خلاف ڪاوڙ ۽ ڪروڌ! ميرپورماٿيلي جا ٽي جوان هئا، جن ان وقت اولهہ پاڪستان (ون يونٽ) جي ڪنهن اعليٰ عملدار جي پٽن کي قتل ڪيو هو، جن گڏبو بشريج ۾ مليل زمين تي اچي، مقامي ماڻهن سان اهڙي روش روا رکي هئي، جا گورن ساؤٿ آفريڪا ۾ رکي هئي. ڦاسيءَ جو منظر ۽ اسان تي اثر— اهو ڪجهہ هت ڏيڻ غير ضروري سمجهي، ايتري تي اڪتفا ڪندس تہ پئي ڏينهن چانهہ تي ڪچهري ڪندي اياز چيو هو تہ هاڻي هو ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ مڪمل ڪري سگهندو ۽ اٻين ڏي ٽيو. جيل مان نڪري هن ڊرامو پورو ڪيو، ۽ سنگت کي ٻڌايو. سال ١٩٧٤ع ۾ ڪراچيءَ ۾ عوامي ادبي انجمن جي ادبي ڪانفرنس ۾ بہ هن اهو ڊرامو پڙهيو. ١٩٧٦ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، اياز جي شعر جو پنجابي ترجمو ڇپرايو، ان ۾ بہ هن ناٽڪ جا چوند حصا ڏنل آهن. پر سنڌيءَ ۾ هي پهريون ڀيرو ڇپجي رهيو آهي.

هيءُ هڪ سنگيت يا راڳ ناٽڪ آهي. سنگيت ناٽڪ، جنهن کي انگريزيءَ ۾ اوپيرا Opera چئجي ٿو، سو نهايت ڏي اثرائتو ۽ فنڪاراڻو اظهار جو ذريعو آهي. ڪنهن بہ شئي

يا وستو کي ٻڌڻ يا پڙهڻ کان وڌيڪ ڏسڻ سان سٺي نموني سمجهي ۽ هينئين سان هنڊائي سگهجي ٿو. ان ڪري ناٽڪ کي فڪر، خيال ۽ مافي ضمير جي اظهار جو بهترين وسيلو سمجهيو ويو آهي ۽ وڃي ٿو. دنيا جي ادب ۾ شاعري وري سڀ کان قديم ۽ اثرائتي صنف سخن آهي. نثر ته ماڻهو پڙهي ۽ ٻڌي، آن جو ماحاصل ذهن ۾ رکي، وساري ٿو ڇڏي. پر شعر اڪثر ۽ گهڻي ياڳي ياد ٿيو پوي، ۽ دل و دماغ تي يڪدم اثر ڪيو ڇڏي. ان ڪري اسان کي مقدس مذهبي صحيفا ۽ آڳاٽو ادب منظوم صورت ۾ ئي ملي ٿو (لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي ادب خاص ڪري).

هن اثرائتي ۽ دلچسپ اظهار بيان جي شروعات اسان کي يونان ۽ هندستان جي آڳاٽي ادب ۾ ملي ٿي. يونان يا هندستان جي مذهبي ساخت جي بناوت اهڙي آهي، جو انهن ۾ راڳ ۽ ناچ کي عبادت جي حيثيت حاصل آهي. هنن جي پوڄا پاٺ ۽ مذهبي رسمن ۾ راڳ ناچ ۽ ٻين فنون لطيفه کي وڏي اهميت آهي. ان ڪري انهن ۾ اسان کي راڳ، ناٽڪ Opera ۽ نرتيه ناٽڪ Dance Drama هر ادب کان آڳاٽو ملن ٿا. انهن اوائلي سنگيت ناٽڪن يا نرتيه ناٽڪن جو موضوع انهن مذهبن جا ديومالائي قصا يا ڪردار هوندا هئا. هندستان ۾ نرتيه يا سنگيت ناٽڪ جو موضوع اڃا به اهي قصا ۽ ڪردار آهن: رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ڪهاڻيون، ڌرمي سورما يا سورميون، جهڙوڪ راس ليلا، رام ليلا، نل دمينتي، راجا هرشچندر ۽ شڪنتلا وغيره.

يورپ ۾ ان روايتي يوناني سنگيت ناٽڪ ۾ شيڪسپيئر ڦيرگهير آندي، نوان موضوع آن کي ڏنا. شروع ۾ شيڪسپيئر جي منظوم ڊرامن تي ڏاڍي ٽيڪاٽپڻي ڪئي وئي، پر اڳتي هلي، آن کي اختيار ڪيو ويو. هندستان ۾، يا هندي زبان ۾، سنگيت ناٽڪ کي روايتي ڌرمي پوشاڪ ۽ لبادي مان ڪڍي،

نون موضوعن سان روشناس ڪرائڻ جو سهرو به جديد هندي ڊرامي جي باني ڀارتيندو جي سر تي آهي، جنهن شيڪسپيئر جي منظوم ڊرامي جو منظر هندي ترجمو ڪري، ڪاميابيءَ سان اسٽيج ڪيو، اڄ کان ڪو هڪ صدي اڳ، يعني ١٨٨٠ع ۾.

سنڌيءَ جي آڳاٽي ادب ۾ اسان کي سنگيت يا نرتيه ناٽڪ ته ڪونه ٿو ملي، پر انهن سان ملندڙ جلندڙ ڪيئي منظوم شيون ملن ٿيون، جن ۾ ڪم و بيش اهي ئي موضوع ملن ٿا جي ڪي قدر يوناني اوپيرا ۽ هندي سنگيت ناٽڪ ۾ ملن ٿا. اهي آهن منظوم داستان يا ويرگاٿا ڪال جا منظوم قصا. يعني پنهنجي سورمين ۽ سورمن جا منظوم قصا. سنڌ جون تاريخي جنگيون ۽ انهن جا جوڌا انهن منظوم داستانن جو موضوع آهن. انهن لوڪ ادب جي شعرن جي ساخت اهڙي آهي، جو انهن کي پڙهي، ڊائلاگ يا گفتا ڪري، آسانيءَ سان ڊرامائي تشڪيل ڏئي سگهجي ٿي. ٻي هڪ سنڌي صنف اوپيرا کي ويجهي آهي، سا آهي ”سانگ“. هيئت جي لحاظ کان اها بالڪل اوپيرا جهڙي آهي، پر مواد جي لحاظ کان فرق آهي. اوپيرا ۾ موضوع گهڻو ڪري الميه (Tragedy) هوندو آهي، پر سانگ ۾ اهو طربيه (Comedy) هوندو آهي. ان فرق سان سانگ کي سنڌيءَ جي اوپيرا جي اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو. اسان جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين بابت آيل بيت به آسانيءَ سان ڊرامائي روپ ۾ آڻي سگهجن ٿا.

بهرحال سنڌي ادب ۾ پهريون اوپيرا، سنڌي ادب جي محسن ۽ سنڌي ناٽڪ جي باني آبي مرزا قليچ بيگ لکيو، جو هو ”ليليٰ مجنون“. اهو ڊرامو ١٨٨٠ع ۾ لکيو ويو ۽ اسٽيج ٿيو. ان کان پوءِ پوري مڪمل منظوم سنڌي ڊرامو، مشهور سنڌي شاعر ارجن شاد ١٩٦٦ع ۾ لکيو. سندس اهو سنگيت ناٽڪ ”ڏاهيون ڏک ڏسن“ ١٩٦٦ع ۾ نئي ناٽڪ نويس، ناٽڪڪار ۽ شاعر گوورڌن ڀارتيءَ، ڪاميابيءَ سان بمبئيءَ ۾

اسٽيج ڪري ڏيکاريو. ان بعد اِن ميدان ۾ اسان کي شيخ اياز ۽ سنڌس سنگيت ناٽڪ نظر اچن ٿا. جهڙيءَ ريت شاعريءَ ۾ اياز سنڌيءَ جي وساريل صنفن کي نون موضوعن سان سهنگاري سنواري ثقافتي احياءَ ۽ بقا جو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، اهڙيءَ ريت هِنن سنگيت ناٽڪن ۾ به هُن پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي احياءَ جي ڪوشش ڪئي آهي. هنن سنگيت ناٽڪن جا موضوع ۽ ڪردار اسان جي تاريخ ۽ ثقافت جو اڻ-ٽٽ حصو آهن.

سنگيت ناٽڪ ۾، خاص ڪري الميه ناٽڪ ۾، ساري سٽاءَ جي پس منظر ۾ مضمون جو سَت يا روح ڪارفرما هوندو آهي، جو هوندو آهي لافاني ۽ امر فعال موضوع، جو ساري سٽاءَ تي حاوي ۽ اثرانداز ٿيندو رهندو آهي. قديم سنگيت ناٽڪن ۾ اهو موضوع ڌرمي هوندو هو، پر جديد ۾ وقت جي گهرجن آهر مٽبو سٽبو رهي ٿو. اهو ئي لقاءُ اسان کي اياز جي سنگيت ناٽڪن ۾ به ملي ٿو. هن جي سنگيت ناٽڪن جو موضوع نه رڳو اسان جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جو لافاني ۽ امر حصو آهي، پر اهي ڪهاڻيون ۽ واقعا آهن جي اڄ به اسان جي رڳ رڳ ۾ ۽ لونءِ لونءِ ۾ سمايل آهن. شروع ۾ اهي موضوع ۽ ڪردار (نئين ۽ غير مانوس هيئت جي ڪري) عجيب و غريب ٿا لڳن، پر هڪ دفعو پڙهڻ شروع ڪرڻ ڪان پوءِ اهي سڀ واقعا پنهنجي اکين ڏٺا، ۽ ڪردار ڄاتل سڃاتل ٿا لڳن. هڪ سٽهٽي، سوجهتي، ڪليل ۽ چٽي، ڪردار کي اجاگر ڪندڙ منظوم مڪالمه نگاري، ۽ هڪ سنجيده ۽ امر، پُر فعال، ڪهاڻي، اياز جي سنگيت ناٽڪ جي خوبي آهن. اهي ئي هڪ سنگيت ناٽڪ جي پورڻتا جون گهربل گهرجون آهن. پکت سنگهه جي ناٽڪ ۾ به اسان کي اهي ئي خوبيون بدرجه اتم ملن ٿيون. نه رڳو فعال ۽ لافاني موضوع آهي، پر ان جي پس منظر وارو سارو تاريخي (سياسي-ثقافتي) ماحول به موجزن ملي ٿو. ان دور جي

تاريخي سياسي منظر جي جهلڪ هنن سٽن مان ملي ٿي:

هي ديس سڄو ڏسي اوڳو آ
من روڳي آن جو موڳو آ....

—

جو دک آمٽ آ ڌرتيءَ تي
۽ ڳورو ڳٽ آ ڌرتيءَ تي....

—

هر وقت جڙيءَ کي جيس چنبي
ڪنهن ڏورانهين جو ڏس ڏيئي
هو پنهنجي پيڙ وسارن ٿا....

ان سياسي صورت حال ۾ اسان جي معاشري جا ڪي طبقاتي ڪردار ڇا پيا ڪن؟ هنن جو ورتاءُ ان ساري صورت حال طرف ڪهڙو آهي، تنهن جو نقشو اياز هيئن منظوم ٿو ڪري.

هي راءِ بهادر ها ها ها
هي خان بهادر ها ها ها
هي وبهي روز فرنگيءَ سان
سڀ ڪارا ڀوري ڀنگيءَ سان
ڪو ناهہ ننگيءَ جو ناهن ٿا.
ڇا سوچن ٿا، سا ڇاهن ٿا
ستون ننڌ ڪري مي ڏوڳيئڙا؛
قانون آنهن جا ڪوريئڙا
جي پنهنجا ڄار وڇائن ٿا.
۽ ديس سڄو ڦاسائن ٿا...

ملڪ جي باشعور ۽ سياسي سجاڳيءَ واري فردن تي، اياز جي هن سنگيت ناٽڪ جي مکيہ ڪردارن تي، ان صورت حال جو ڇا اثر پوي ٿو، موت ۾ انهن جو ڪري ردعمل ڇا ٿو ٿئي، تنهن جو اظهار وري اياز هيئن ٿو ڪري:

آ رات وڃي پنواس وتو،

هر ڪنهن ڪرڻ جو ناهه پتو
ڇا ننڊ نه ان جي ٽٽي آ؟
ڇا باک ڪڏهن به نه ڦٽي آ؟
مون ان تي هر هر سوچيو آ
۽ روز لهوءَ ۾ لوچيو آ....

انهن مٿين سٽن ۾ اياز جي ڪردارن جي سوچ جو انداز ۽ نمونو ڏيکاري ٿو ته هو مايوس ۽ نراس ڪندڙ سياسي حالتن جي باوجود آشاوادي آهن. کين يقين آهي ته باک ڦٽي آهي. پر ڪڏهن، سو هو حالتن جي پيچيدگيءَ جي مدنظر ٻڌائي نٿا سگهن.

ڪوبه فنڪار پنهنجي فني ۽ فڪري صلاحيتن جي اظهار لاءِ، ڪنهن صنف سخن يا هيئت اختيار ڪرڻ وقت، پهريائين اهو سوچيندو آهي ته ڪهڙيءَ طرح، پڙهندڙ ۾ ان جي مطالعي لاءِ آمادگي پيدا ڪئي وڃي. ان لاءِ هڪ ئي رستو آهي. جڏهن به ڪنهن ڳوڙهي، ڳنڀير ۽ نازڪ خيال کي ڪنهن ٻئي تائين پهچائڻ مقصود هوندو آهي ته، ان لاءِ پڙهندڙ جي اندروني ذهني عنصرن ۽ عواملن کي ڌيان ۾ رکڻ ۽ انهن تائين رسائي ڪرڻ ضروري هوندو آهي. هن سنگيت ناٽڪ ۾ به اياز پڙهندڙ جي اندروني عنصرن ۽ عواملن تائين پهچڻ ۽ رسائي ڪيل نظر ٿو اچي. پڙهندڙ جي اندر ۾ ڪارفرما اهي جذبا ۽ اڌما آهن قوم پرستي، وطن دوستي، ۽ سامراج دشمني! اسان جي ملڪ جي اڪثريت جي اندر ۾ اهي ئي عنصر باعمل آهن ۽ اهي عوامل ڪارفرما آهن.

هي مٽي آ هي ڀڳتي آ
هي بم گولو ما شڪتي آ
جا ناهي ڪنهن ۾ خپ تپ ۾
هي بم گولو منهنجي لپ ۾...
هي بم گولي ساڻ بربادي

ڏسي اوري آئـي آزادي
ٿا ويري هر هر هنسا ڪن
۽ پنهنجا ڏيهي سنسا ڪن
چي: ڪنهن جي هتيا ناهه چڱي
جن پنهنجي هتيا آهه چڱي.

مٽيءَ سان محبت، وطن تي پاڻ واري ڇڏڻ ۽ قوم پرستيءَ جي اندروني عواملن کي اياز عيئن ٿو ڇيڙي:

جنم جنني جنم ڀومي
تهنجي گود امرتا آڇي
مٽيءَ کي مريادا آڇي
تهنجي لاءِ مري مون ماتا
جنم جنم جا مارڳ پاتا
جنم جنم جنني، جنم جنم جنني
جنم جنم ڌرتي، جنم جنم ڌرتي.

هر وطن ۾ ۽ ديس ۾ ڪي اهڙا گروهه ۽ ٽولا به ٿيندا آهن، جي پنهنجون وفاداريون ۽ نمڪ حلاليون مٽيءَ سان نه پر خيالي ۽ تصوراتي نظرين سان رکندا آهن. اهو ئي هڪ اندروني عنصر، هند - پاڪ جي تاريخ جي ان سياسي دور ۾ به قابل ديد هو، جو به ناٽڪ جي پس منظر ۾ آهي. ان کي انڪار وطن جو فلسفو چئي سگهجي ٿو. ان جو ذڪر هن ناٽڪ ۾ ڏسو:

هو پنهنجي لوءِ نه لوچن ٿا
ايران عرب جو سوچن ٿا
تن لاءِ سنوسي سوڊاني
ڪو ابدالي، ڪو افغاني
ڪا جوني جنت ناهن ٿا
پوءِ هرڪو ان ڏي ڪاهي ٿو
۽ ڪنڌ لتاڙي ٽيپوءَ جو
۽ رت لتاڙي ٽيپوءَ جو

توسو پهچي خيالي دنيا ۾
ڪنهن ڀولي ڀالي دنيا ۾.

اياز جي هن سنگيت ناٽڪ جا ڪردار پنهنجي جاءِ تي ٺوڙ نياڻي ٺاهه سندن ايمان اٽل ۽ ويساهه اڻڇهل آهي. پر انسان آخر انسان آهي. زندگي ۽ زندگيءَ سان پيار هڪ حقيقت ۽ هڪ سچ ۽ ضرورت آهي. اياز جي ڪردارن ۾ ڪٿي ڪڏهن گهڙي ڪن لاءِ اها نفسياتي ڪمزوري اڀري ٿي اچي. هنن ۾ لحظي لاءِ مايوسي ۽ وياڪلتا واسو ٿي ڪري:

اڄ رات لڙي آهي
آ ننڊ ڀري پنهنجو
تقدير ڪڙي آهي
هي ويل وڇوڙي جي
ڪيڏي نه ڪڙي آهي
اڄ رات لڙي آهي.

ڪيڏن ٿري ڪنهن ڪونه ڇيو
ڪيڏن جوت ٻري ڪنهن ڪونه ڇيو.

ڪنهن ٻيءَ پلڪ ۾ اياز جو ناٽڪ ان مايوسيءَ ۽ وياڪلتا جي سنسار مان موٽي ٿو اچي. ان ڀوءِ ۽ وهم جي دنيا مان نڪري ٿو اچي. سندس پنهنجي ڪارج ۽ ڪارج ۾ وشواس واپس ورندو نظر ٿو اچي، ۽ چوي ٿو:

هي ڪهڙي ڀؤ جي ڀڻ ڀڻ آ
هي تو ۾ ڇا جي آڻ تڻ آ
من موزک توکي ٿو ڳاهي....

پنهنجي هن الميه سنگيت ناٽڪ ۾ اياز پنهنجي ڪردارن جي نه رڳو جذبي جي بلندي، سندن پنهنجي آدرش ۽ نظرئي ۾ اٽل ايمان ۽ اعتماد، اڻموٽ ارادو، ۽ سر ڏئي سرخرو ٿيڻ جو آدم ۽ عزم جي مورت چٽي آهي، پر هنن جي من ۾ جا

آڻ تي، ٻڌڻ، هورا ڪورا ۽ نفسياتي ماندائڻ متل آهي، ته هنن جي قربانيءَ جو ڇا حاصل؟ هنن جي زندگي مفت ويئي اجائي؟ هو ته مري ويندا، پوءِ ڇا؟ هنن جو ڇا؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا سوال، ان کي به نظر انداز نه ڪيو ويو آهي. هنن جي ذهن ۾ ڪيئي وسوسا ۽ خيال اچن ٿا. پر هو انهن کي هٿائي مٿانئن حاوي ٿا پون. هنن کي پڪ آهي ته سندن قربانيون رائگان نه اجايون نه وينديون. هنن کي خاطري آهي ته سندن جيون پيٺا انقلاب لاءِ راهه هموار ۽ واضح ڪندي. سندن موت عوام ۾ سجاڳيءَ جي لهر آڻيندو. انهن سڀني سوچن، خيالن، وهمن، ذهني ڪشمڪش ۽ پيڙائن، بيزاري ۽ پڇتاءَ جي نفسياتي تصوير اياز جي سنگيت ناٽڪ جي منظوم مڪالمن ۾ ملي ٿي:

مـــري لـوءِ هميشه لاءِ لـــڏڻ
گهر ٻـــار ڇڏڻ، سنسار ڇـڏڻ
بـــي موت مرڻ، واپس نـــه ورڻ
۽ ڏورانهين ڪان ڪونـــه ڏرڻ
ڪيڏو نـــه آنانـو سـپنـو آ

—

اڄ مـان مرڻـيءَ ۾ پڪ نه آ
ڪنجهڪار نه آ، ڪا ڪڪ نه آ
جـــن سارو ديس مـــري ويو آ
اڄ منهنجـو ڏڏ ذري پيو آ
مـان هيئون هاري سوچان ٿـــو
هـي جيون واري سوچان ٿـــو
مـــون ڇاله جـان گنوائـــي آ
ڇـا [illegible] آ؟

۽ پوءِ [illegible] **سوالن** [illegible] سڀوسن ۽ وهمن جو جواب [illegible] ڏيڻ

ڇا تنهنجي ڀيٽ اجائي آ؟
تو جيڪا چٽڪ لڳائي آ
ڪو مچ انهيءَ مان مچڻو آ
سو ڏينهن اڳي ڀوه اچڻو آ ....

ڪجهه صدين لئه ڀونچال جيان
ٿي پنهنجو موت سوال جيان
ڪنهن وقت تہ آيري اچڻو آ
سو متہ اڳوپوه مچڻو آ
جو لهڪي سڀ کي لال ڪري
۽ جنهن مان ٻهہ ٻهہ ديس ٻري
هر ماڻهو رک نہ ٽيڻو آ
جيون جي جک نہ ٽيڻو آ ....

ڪي ماڻهو آهن ڳان ڳٺيا
ٿو ارپي جن کي موت مٺيا
تاريخ اندر هو ڏڙکن ٿا
ڪجهه وقت آڌهامي پڙکن ٿا
هن ڀڙء تي ڀنڀٽ ڀنيٽ ٿيءَ
ڪنهن وقت اچانڪ پرگهٽ ٿي
سو پنهنجو ٻارڻ ٻارن ٿا
۽ ڳپٽ ڳچين جا ڳارن ٿا ....

سنگيت ناٽڪ جي متين حوالي طور ڏنل ٽڪرن ۽ نمونن مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اياز نہ رڳو پنهنجي انفرادي تجربي ۽ مشاهدي کي استعمال ڪيو آهي، پر پڙهندڙ جي مشترڪ يا گڏيل تجربي جي ماحاصل کي بہ پنهنجي خيال جي اظهار وبل، پس منظر ۾ قائم ڪري رکيو آهي. ان ڪري هن پنهنجي فڪر ۽ نباهي مان پڙهندڙ جي اندروني

عنصرن، احساسن ۽ عواملن کي ڏونڏاڙي، لرزائي ۽ متحرڪ ڪري ڇڏيو آهي. هن سنگيت ناٽڪ ۾ اسان کي، اياز جي فڪر ۾، پنهنجي تاريخي سچ ۽ انساني زندگيءَ جي مختلف نفسياتي صداقتن جو ڳنڍيل سڌيل اظهار ملي ٿو. اهو اظهار انتهائي متاثر ڪندڙ آهي. هڪ پنهنجي موضوع ۽ سياسي-ثقافتي پس منظر ڪري ۽ ٻيو خود اياز جي فني مهارت جي ڪري. ٻولي اياز جي گولي آهي. شاهه سائينءَ کان پوءِ سون سنڌي ٻوليءَ کي اياز اڏو ئي حڪم جي ٻانديءَ ٻٽيل ڏٺو آهي. هو ان معاملي ۾ جادوگر آهي ۽ لفظن جي چونڊ ۽ استعمال سان شعر ۾ نغمگي، مڌرتا يا موسيقي پيدا ڪرڻ ۾ ڪمال درجي جي مهارت رکي ٿو. هن سنگيت ناٽڪ ۾ به اياز جي اها جادوگري ۽ سحر انگيزي ڪارفرما نظر اچي ٿي. سنڌس عام شعر جيان، هن ناٽڪ جا منظوم مڪالما به نغمگي ۽ مڌرتا سان ڀمتار آهن ۽ ان ڪري پڙهندڙ تي وڌيڪ ۽ گهڻو اثر وجهن ٿا. پڙهندڙ شعر جي نغمگي جي وهڪري ۾ بي خود ٿيو وهندو لڙهندو ٿو وڃي. هڪ هڪ مڪالمو يا گفتو سنڌس اندر ۾ ڪوئل جي ڪوڪ جيان، چير وجهندو، پيهندو ٿو وڃي. پڙهندڙ بي خود ٿيو قومي، وطن دوستي ۽ انقلابي جذبن جي ڌارائن تي لڙهندو ٿو وڃي. ناٽڪ پوري ٿيڻ تي هو ڇرڪ ڀري پنهنجي اکيور ننڊ مان جاڳي اٿي ٿو.

ڪنهن به فن پاري يا تخليق جي پرک ۽ اڀياس وقت ٻن ڳالهين کي خيال ۾ رکيو ويندو آهي. هڪ فن ڪار يا تخليق ڪار جو فڪري ۽ تخليق وارو عمل ۽ ٻيو موٽ ۾ پڙهندڙ جو سوچ وارو ۽ شعوري رد عمل - انهن ٻنهي، عمل ۽ رد عمل، ۾ ڪا هڪ جهڙائي يا ڪو مشترڪ قدر ٿئي ٿو. ان ڪري، ٻنهي کي گڏي ان فن پاري جو تجزيو يا اڀياس ڪبو ته، ان اڀياس ۽ پرک جو نتيجو يا ماحاصل نه رڳو مناسب ۽ بامقصد هوندو، پر بامعني ۽ نڪتي وارو به هوندو.

مون هن سنگيت ناٽڪ جو اڀياس به انهن ئي اصولن تي ڪيو آهي. مون اياز جي فڪري ۽ تخليقي تجربي ۽ مشاهدي کي به خيال ۾ رکيو آهي، ته عام سنڌي پڙهندڙ جي سوچ ۽ شعور کي ... مون اهو به ڌيان ۾ رکيو آهي ته ان فن پاري جو پڙهندڙ جي اندروني عنصرن ۽ احساسن تي ڪهڙو اثر ٿو پوي، ۽ ته موٽ ۾ هو ڪهڙي رد عمل جو اظهار ٿو ڪري. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته مون رڳو اياز جي فني، فڪري ۽ تخليقي عمل يا گڻن کي توجهه جو مرڪز بڻايو، ٻيءَ پرک يا اڀياس نه ڪيو آهي.

منهنجي مٿين گذارشن کي خيال ۾ رکي، جي توهان هن سنگيت ناٽڪ جو مطالعو ڪيو ته يقيناً اوهين به مون سان مٿين راءِ ۾ سهمت يا متفق ٿيندا ۽ توهان کي اهي سڀ خوبيون هن ناٽڪ ۾ نظر اينديون، جن طرف مون اشارو ڪيو آهي. پر، ائين به، ٿي سگهي ٿو ته توهان کي وڌيڪ ۽ ٻيون خوبيون ۽ قابل ذڪر ڳالهيون معلوم ۽ محسوس ڪري سگهو، جي منهنجي ڌيان ۽ نظر ۾ نه اچي سگهيون هجن.

رشيد ڀٽي

15 جون، 1986ع.
ٻئريج روڊ،
سکر سنڌ.

ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

’آزادي‘، مان انهيءَ خطرناڪ لفظ کي
ڏنگين ليکن ۾ وجهان ٿو جيئن ڪنهن
وحشي جانور کي سڱن کان جهلبو آهي

— هڪ يوناني ليکڪ

ڏيکـ پهريون

ويس ڏاري: ڀڳت سنگهہ
چندر شيکر آزاد
ڪشوري لال
سکديو
ڊاڪٽر گيا پرساد
راج گرو

سال: ۱۹۲۸ع

راوي: ١٩٢١-٢٢ع جي عظيم عوامي تحريڪ ڪان پوءِ ڪانگريس ته اڏ ٿي ويئي آهي. فقط سوراج پارٽي گانڌيءَ جي آسپاس سان جُونءِ وانگر چڙي رهي آهي. وراڻي ڪوئي عوامي جلسو ٿئي ٿو. قانون ساز ادارن کان ٻاهر ڪائي سياسي چرپر نه رهي آهي. اڪثر انقلابي جيلن ۾ آهن. ساري هندستان تي تراسائي ڇانيل آهي. بمبئيءَ، ڪلڪتي ۽ ڪانپور ۾ مزدورن زبردست هڙتالون ڪيون، جن ٻاهرينءَ دنيا جو ڌيان ته ڇڪايو، ليڪن ديس ۾ ڪائي هل چل پيدا نه ٿي. اِنهيءَ مايوسيءَ جي فضا ۾ ڪجهه انقلابي نوجوانن دهشت انگيزيءَ کي ئي سياسي نجات جو ذريعو سمجهيو آهي.

[illegible]

[لاهور ۾ هڪ تهه خانو. رات جو وقت آهي؛ تهه خاني ۾ چوڌاري چار لالٽين ٻري رهيا آهن. ديوارن تي هندستان جو نقشو ۽ جهانسيءَ جي رانيءَ، ٽيپو سلطان تانتيا ٽوپي ۽ نانا صاحب جون فريم ٿيل تصويرون لڳل آهن. وچ تي هڪ ميز پيئي آهي، جنهن جي هڪ پاسي ڀڳت سنگهه، ڪشوري لال ۽ ڊاڪٽر گياپرساد ويٺا آهن ۽ ٻئي پاسي چندر شيکر آزاد، سکديو ۽ راج گرو ويٺا آهن. ميز تي ڇهه بم گولا رکيل آهن، جي تهه خاني ۾ لڪل ڪارخاني ۾ تيار ڪيا ويا آهن. هڪ اخبار به ميز تي پيئي آهي، جنهن جي پهرئين صفحي تي ڪارين حاشين ۾ لالا لجپت راءِ جي موت جي خبر ڇپيل آهي]

ڀڳت سنگهه:

هي ديس سڄوئي اوڳو آ
مَٽيءَ روڳي اَن جو موڳو آ؛
هر ڪيانءَ اُنهيءَ جو ڪيڙو آ،
۽ رات مٿان جو ٻيڙو آ
تنهن ڏانهن آيو ٻرسول ڪري
ٿو واريءَ تي وڏراڳ ٿري —
هر ٽهڪ اُنهيءَ جو روڳي آ،
هر ماڪ اُنهيءَ جو روڳي آ،
هر جاڳ اُنهيءَ جي جُونءِ آ،
هر لاڳ اُنهيءَ جي لُوٽي آ،
جا ڳالهه ڪٿي ٿو ڳوڙهي آ،
پر ڀرڪ نه مت جي سوڙهي آ؛
جا ڏند ڪٿا آ ڏاهي آ
جنهن ڪا شيءِ ڇُوهي چاهي آ
جا ڪٿري وينو مٿن مٿن ۾ —
هي ٻين ٻين جوڳي ٻن ٻن ۾
۽ ٻيپ ٻيپُونءِ وائن تي
هر وقت جتائون جائن تي!
سنڌور لِلائن تي لائي
۽ ڪوڙا ضيرت ورجائي،
هو ٽڪيا ٽيرٽ ٻيٺن تا،
۽ وَرَ وَرَ مٿن تان ميٺن تا
جو ڏڪ آمٽ آ ٿرتيءَ تي
۽ ڳورو ڳٽ آ ٿرتيءَ تي؛
هر وقت جڙيءَ کي جتس چٿي
ڪنهن ڏورانهين جو ڏس ڏئي،

هو پنهنجي پيڙ وسارڻ ٿا؛
کي گهر-گهنگهر ۾ گهارڻ ٿا
۽ ٻوٽيون ٻسنڪ ٻيڻ ٿا
ڪنهن جهوني وهه تي جيئڻ ٿا
۽ آجري مَنَ کي لوڙن ٿا
ٻر هَرِ هَرِ ڏاڪا ڏوڙن ٿا؛
کي جيءَ وجهن ٿا جاڙن ۾
۽ جهاڳي پنڌ پهاڙن ۾
ٿا شردا سان ڪيلاش ڏسن
۽ آڇ مٿان آڪاش ڏسن؛
ڪِن اونهه ڪنچن چنگا جو
ڪِن جمنا جو ڪِن گنگا جو،
کي ڏس ته قواليون ڳائن ٿا
۽ پيرن کي ٻتڙ پائن ٿا
ٿا داتا جي دربار وڃن
۽ پيرو پنهنجو ڪونه پڇن،
کي آمرتسر واجهائن ٿا
ڪُنڊ-واٽيءَ جا گُڻ ڳائن ٿا؛
ڇا ڪم-چور ڪيڏا ڪيڏا آ!
جا ديس سڄي جي پيڙا آ
ڪنهن سوچي آ ڪنهن ڄاتي آ؟
ڪنهن آن ۾ جهاتي پاتي آ؟
هر جيءَ جڏهن آهي جٺ ۾،
انگريز بهادر جي پٺ ۾
هي راهه بهادر ها ها!
هي خان بهادر آها ها!

هِي ويهِي روز فرنگيءَ سان
سڀ ڪارا ڀوري ڀنگيءَ سان
کي ڏاهڻ ذنڳيءَ جا ڏاهن ٿا؛
ڇا سوچن ٿا ڇا چاهن ٿا
سڀ نَنڌ ڪري هي نوڪيٽڙا!
قانون اُنهن جا ڪوريٽڙا
جي پنهنجا چارُ وڇائن ٿا
۽ ديس سڄو ڦاسائن ٿا
ڪنهن ڪَوڙي تاڇيءَ پيٺي ۾؛
هي ڪانچ وجهن ٿا نيٺي ۾
هر ماڻهوءَ جو مَن مڪڙ جيان—
۽ هرڪو انڌيءَ اٺ جيان
چڙن پنهنجو چارو پاڻي ٿو،
سا لٺ سهارو ڄاڻي ٿو
جا لَٺ پڄي ٿي لوٺڙيون؛
هي ڪوڙيون جنهن وقت مرڙيون
وَهنوارَ ٿيا تنهن ويڇي جا
تنهن جڙتو آڳي پيڇي جا
جو پُونءَ سڄي پنيلائي ٿو
۽ ويڙهيچا ويڙهائي ٿو—
جا ڪَسڻ چڙهي وٺي ڪارڻ تي
هر ويڙهوءَ جي ونچارڻ تي
سا ڪيئن لهي، سا ڪيئن لهي؟
هي ڏانديو ڏانچو ڪيئن ڍهي؟
ڪيئن ديس سڄي کي ڏونڌاڙيون؟
ڪيئن جيءَ سمور جهونجهڙيون؟

ڊاڪٽر گيا پرسان:

هر ڦندَ سُريءِ جي موجَ ڏني،
هر سوچَ اجائي لوچَ ڏني،
هر شنڪر شُگونءِ ڳولي ٿو
ڪو آن ۾ آڏو ٻولي ٿو،
ٿا گياني گهاٽا ٻڙ ڳولن
۽ تيرٿن وارا تڙ ڳولن
۽ انت ڪال تي سوچن ٿا
پر ڪونه حال تي سوچن ٿا!
ڪو گوتم آ، ڪو گانڌي آ،
پر ديس مٿان جا آنڌي آ
سا ڪيئن ٽري، ڪنهن ڪونه چيو!
ڪيئن جوت ٻري ڪنهن ڪونه چيو!
آ ڪيڏي پيڙ ڪُويڄن جي،
تن ڀُوسي جهڙن ٻيڄن جي،
جي منتر چار آچارن ٿا
۽ چوري چاڪ نهارن ٿا.
ٿا اهڙا آوٽا ڏَس ڏيڻ
جو گهاوَ وڃي ناسُور ٿين!
اَڄُ تن جي ٻورن ٻچڙن کي
۽ تن جي ڪيڦَ ڀرين ٻچڙن کي
ڪو ڏانڊُ مچايون ڏير ڪري!
ڪيئن راوڻ جهڙي رات ٽري
آ باک وڃي ٻنواس وٽو!
هن ڪنڀ ڪرڻ جو ناهي پتو
ڇا ننڊ ۾ آن جي ننڊڙي آ؟
ڇا باک ڪڏهن به نه ڦُٽڻي آ؟

موُن ان ني ھرمر سوچيو آ
۽ روز لهوءَ ۾ لوچيو آ!
ڀڳت گهر گهر سنگهن جيئن ٿا
۽ ماڻهوءَ جو رت پيئن ٿا،
ٿا ڀڳ ڀڳ کارا نانگ پلن
۽ هيڏا سارا نانگ پلن،
پر تن ني جي کو وارُ ڪري
۽ وڻهه ني اتياچارُ ڪري
ھُو جنم جنم اپراڌي آ؛
ڪئين ديس سڄي چُپ ساڌي آ!
آ ڪيڏي برف هماليہ تي،
ڪئين چئجي سا ڪنهن وقت ڍرجي
او شال! گهٽا گهنگهور اُٿي
۽ اُڀري زوران زور اٿي،
او شال! تکا طوفان آچن
۽ گاج ڪري گهمسان اچن
۽ ڌولگري * کي ڌڌڪائن
۽ گوري شنڪر * کي گهائن
۽ چوٽيءَ چڙپن کي ڪيرائن
۽ ڦرندي ڦرندي ڦيرائن
ڪنهن وقت آڪاسيءَ ڌرتيءَ کي
هن پوريءَ ناسيءَ ڌرتيءَ کي،
۽ آن جا سارا ٿاڪ ٽڏي
شل تارن تائين برف آڏي.

---

* ڌولگري ۽ گوري شنڪر: هماليہ پهاڙ جون ٻہ چوٽيون.

۽ ساري ڌرتي ڏونڏاڙي
هي جهونا وڻ سڀ جهونجهاڙي!
شل آڪيرن جي اوٽ ڍهي
۽ ڪَـهه پر هرڪو جيءُ ڪهي!
هي کهاگهرا، گنبڪ، پاڳ متي
۽ گنگا، جمنا، سرسوتي، *
سڀ جيسين نارَئون نار وَهن
۽ گرجي ساگر طرف ڪَـهن،
۽ جيسين هيڏي برف رجي،
اڄ تيسين ڪو طوفان تجي!
طوفان ضروري آ يارو!
گهمسان ضروري آ يارو!

[چندر شيکر آزاد
هٿ ۾ ٻرگولو جهلي
ڪجهه سوچي رهيو آهي.
سکديو هن ڏانهن ڏسي ٿو]

سکديو:

هي آهي ديس ڀِـواني‌ءَ جو
تو تاتي خون جواني‌ءَ جو
ڪو اهڙو لاڻو ٿيءُ شيکر
جو خون سجايو ٿئي شيکر

* کهاگهرا، گنبڪ، پاڳ متي، گنگا جمنا ۽ سرسوتي: نديون جي هماليه مان وهن ٿيون.

چلدر شيکر:

[پنهنجي هٿ ۾
ٻرگولي ڏانهن ڏسي]

هي مُڪتي آ، هي ڀڳتي آ
هي ٻرگولو سا شڪتي آ
جا ناهي ڪنهن ڀي جَپ تَپ ۾،
هي ٻرگولو منهنجي لَپ ۾
سو دُشٽَ اَڏائي سگهندو آ
سو راوڻَ گهائي سگهندو آ،
ڪو ڏَنشُ انهيءَ جو مٽُ ناهي—
هُن پوري باپوءَ وٽ چاهي؟
هڪ ڪوڙو ڀوُنگُ اَهنسا جو
جو ڪنهن کي ڪونہ ڪندو آ جو!
تو مَن مَن کي ميواڙُ سڏي
پرتاپ ويو ڪنهن ديس لڏي!
تي، جيسين هرڪو شيواجي
هيءَ ڀُونءِ نہ ٿيڻي آ آجي!
اَجُ وڙهڻو آ اَجُ وڙهڻو آ!
جي جيءَ جڏي سان رڙهڻو آ
ڪا منزل دُور نہ ملڻي آ—
هيءَ ڏرتي نيٺ تہ ڪِلڻي آ،
هي لڙڪ لهوءَ جا جهوليءَ ۾
هيءَ ڀيٽ ڀيٽ پنهنجي ٻوليءَ ۾
هيءَ آنا ڪانڀي ڪارج ۾
۽ هر حيرانيءَ ڪارج ۾
هڪ ٻم اَڏائي سگهندو آ
سو مقصد پائي سگهندو آ

جو ٻوڙهي جهُور سياست جي
هِن آئي نئون سياست جي
سَو سالن مُئور نه ٻاتو آ—
اڄ ماڻهو ماڻهو ٻاتو آ،
هي ٻم ڌماڪي سان ڦاٽي
ڪنهن ورلي واڪي سان ڦاٽي
هر تارُونءَ کي تڙڦائيندو،
۽ آپري هرڪو ڳائيندو
ڪي گيت آنوکا ڌرتيءَ جا
۽ ڪٿندو جوکا ڌرتيءَ جا،
۽ آزاديءَ جي سٽن هٽي
هر ڏيهي ٽيندو ڏيهه ڏٽي،
هِن ٻرگولي سان برٻادي
ٽِي اوري آئي آزادي—
ٿا ويري هر هر هنسا ڪن
۽ پنهنجا ڏيهي سنسا ڪن،
چي، "ڪنهن جي هتيا ناهه چڱي،"
جنهن پنهنجي هتيا آهه چڱي!
ڪٿله، لالا لجپت راءِ * مئو،
ڇا مٺيا وارو مڙس هئو!
هي تنهن لئه هر هر روئن ٿا
۽ روئي ڏک کي ڌوئن ٿا؛

* ١٩٢٨ع ۾ لالا لجپت راءِ کي، سائمن ڪميشن خلاف جلوس جي رهبري ڪندي، ڏاڍا لٺين جا ڌڪ هنيا ويا هئا ۽ هو ڌڪن سبب، ڪجهه هفتن کان پوءِ مري ويو هو.

هو گورا ٺهہ ٺهہ ٺهڪ ڏئي
۽ رات گذارن مند ۾ مئي
۽ رميا سيا ناچ ڪري
۽ روڪي جهرمر جام ڀري
ٿي گهرا گهٽ گهٽ پيئن ٿا
۽ جورن وانگر جيئن ٿا
۽ ڳائن ٿا، ”اي برطانيا!
”ڪر راڄ سدا اي برطانيا
”تون ڇوليئن تي!“ افسوس اسان
ٿا ڳايون ساڳيا گيت اجان،
هو گيت منوهر مرليءَ جا
ڪنهن گوالي جا ڪنهن گوپيءَ جا
۽ برندابن ۾ گهاريون ٿا؛
ڪنهن وقت ايوڌيا ساريون ٿا
۽ رامراج لئہ ورسڪون ٿا
۽ سامراج کان ڪيسڪون ٿا؛
ڪنهن جمنا تٽ تي جهولن ۾
ڇڻ ڦٽ لڏن ٿا ڦولن ۾—
۽ پنهنجا مسلم ڀائر ڀڻ
ٿي ڏهڪائي ساڳي ڏائڻ،
هو پنهنجي لوءِ نہ لوچن ٿا
ايران عرب جو سوچن ٿا
تن لاءِ سنوسي، سوڊاني
ڪو ابدالي، ڪو افغاني
ڪا جوڻي جنت ناهي تو
ٻو هرڪو تنهن ڏي ڪاهي ٿو

۽ ڪنڌ لٽاڙي ٽيپوءَ جو
۽ رت لتاڙي ٽيپوءَ جو
ٿو پوڇي خياليءَ دنيا ۾
ڪنهن پوليءَ پاليءَ دنيا ۾—
اڄ سيني ڳڏجي قول ڪيون
بس، سيڪجهه ڏانوا ڊول ڪيون،
جئن درياهن جان رت وهي
ڪو وهم نہ ريلي منجهہ رهي،
هي ديس نمائيءَ رڍ جيان
چڻ آهي سائيءَ رڍ جيان
۽ آن جي چئني طرف بگهڙ
هي ڇيرڻ ڦاڙڻ ۾ سڀ پڙ
هر وقت الر سان اپرن ٿا
ڇا اوڇي ڪر سان اپرن ٿا!
اڄ اٿو آهي شينهن جيان
ڪنهن آنديءِ آندل مينهن جيان
۽ پوڙان پوڙ اسهڻو آ
ها ٽاپڙ توڙ اسهڻو آ
۽ گولن سان گهمسان ڪري
۽ لاشن سان ميدان پري
اڄ ماري ماري ورڻو آ
۽ ڏاڍا ڏاري ورڻو آ—
ڪا بيڪ نہ آهي آزادي،
جي ڪوئي چاهي آزادي
هو مور نہ سوچي ڪانديءَ جو.
اي يارو! نياپو ڳانديءَ جو

اڄ آيگهات ڪان ٻڌنر آ،
جا ننڊ اسان جي گهر گهر آ
هي ٻنمر آڏائي وڃڻو آ
هي ٻنمر آڏائي وڃڻو آ.

آراج گرو، جو سيني کي خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو هو، ڇهه موم بتيون جلائي ميز تي رکي ٿو ۽ هرڪوئي پنهنجي ڪرائي موم بتيءَ مٿان جهلي پنهنجي ارادي جي قوت کي پرکي ٿو. چوڏاري گوشت جي سڙڻ جي بوء اچي ٿي. جڏهن سوم بتيون وسامي وڃن ٿيون، تڏهن هرڪو پنهنجيءَ ڪرائيءَ تي ڦٽ کي چمي ٿو ۽ پوء سيئي ميز تان اٿي ته خاني جي دروازي ڏانهن وڌن ٿا. ڪشوري لال هڪ گيت ڳائي ٿو ۽ ٻيا هن کي تال وڏائن ٿا.]

ڪشوري لال:

منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
تو جا تاتيي دوارڪا
مون لئه سا ايسارڪا
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
ديس سڄوئي سنگهرون
جن ڪان آجو مان نہ تون
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
آزاديءَ جو آستان
ڪارڙ ٻائي آندمان
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾

(پردو ڪري ٿو)

ڏيک ٻيو

ويس ڏاري: ڀگت سنگهہ
سکديو
راج گرو

سال : اپريل ١٩٣١ع

راوي- مرڪزي اسيمبليءَ ۾ بم ڦاٽا ۽ ڀڳت سنگهه ۽ هن جو هڪ ساٿي گرفتار ڪيا ويا. پنهنجي دليريءَ سان پنهنجي ذميواري قبول ڪئي ۽ ڪين جنم ٽيپ ڏني ويئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ پوليس لاهور ۾ اُنهيءَ تهه خاني جو پتو لڳايو جتي بم ٺاهيا ويندا هئا. سکديو، ڪشوري لال ۽ ٻيا ڪيترائي انقلابي گرفتار ڪيا ويا، جن مان جئه گوپال ۽ هنسراج ووهرا باس ڏني ۽ پوءِ بهار، اتر پرديش ۽ پنجاب مان ڪيئي گرفتاريون ڪيون ويون. ڪي انقلابي زير زمين هليا ويا. ڀڳت سنگهه سميت گرفتار ٿيلن تي اسپيشل ٽربيونل اڳيان ۱۹۲۹ع ۾ لاهور سازش وارو ڪيس هلايو ويو. ۱۹۳۰ع ۾ عدالت جوابدارن، انهن جي وڪيلن ۽ بچاءَ جي شاهدن جي غير موجودگيءَ ۾ جڙتو ڪاروائي ڪئي ۽ ڀڳت سنگهه، سکديو ۽ راج گروءَ کي موت جي سزا ڏني، ڪن کي جنم ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻيءَ موڪليو ۽ ڪن کي ڇڏي ڏنو.

اڄ صبح جو ڇئين بجي ڀڳت سنگهه ۽ هن جي ٻن ساٿين کي ڦاسي اچڻي آهي. هن وقت ڀڳت سنگهه جي عمر چوويهه سال آهي.

وايو منڊل

[لاهور سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ وارن قيدين جي ڪولي. رات جا ٣ وڳا آهن. ڪوليءَ جي ڇت ۾ هڪ بجليءَ بتي ٻري رهي آهي. سڪديو اڳيان گيتا پوئيل رکي آهي.

ڀڳت سنگھ، چپ چاپ ڪجھ، سوچي رهيو آهي، ۽ راج گرو اکيون ٻوٽي جاڳي رهيو آهي. ڀڳت سنگھ، آئي ڪوليءَ جي لوهي جهنگلي ڏانهن اچي ٿو ۽ ٻاهر اونده، ۾ ڏسي ٿو. سڪديو ٻـ هـن جي ڀرسان اچي ويهي ٿو.]

[پريان ڪوئي جيل
جو سپاهي ڳائي
رهيو آهي.]

اڄ! رات لـڙي آهـي
آ پـنـڌ پـري پنهنجو
تقديـر ڪـڙي آهـي.
هيءَ ويـل وڇوڙي جـي
ڪيڏي نـ، ڪڙي آهي!
اڄ! رات لـڙي آهـي
اڄ! رات لـڙي آهـي.

سکديو (پاڻ کي:)

ھيءَ لوءِ ھميشھ لاءِ لڏڻ
گھر ٻار ڇڏڻ، سنسار ڇڏڻ،
بي موت مرڻ، واپس نہ ورڻ
۽ ڏورانھين ڪان ڪو نہ ڏرڻ،
ڪيڏو نہ اٽاڻو سپنو آ!
ڪيڏو نہ سٺاڻو سپنو آ!
ھو واھيري جي وڻ اڳئون
۽ چُون چُون چُون سائو وڻُ،
۽ مدّم لاٽ ڏياٽيءَ جھڙي
۽ چانھہ تي چندن واسُ ونيي،
جنھن چمپا ڪاريءَ چوٽيءَ ۾
۽ ھٿَ تنھي تي روليءَ ۾—
ھو پستڪ منھنجيءَ جھوليءَ ۾
ڪي ٻول سُريليءَ ٻوليءَ ۾
۽ جاپُ جڳن جي واٽيءَ جو
ڪنھن ڪويل ڪنٺ ڪھاڻيءَ جو—
اڌ رات، ھندورو ھيرن جو
ھو سترھو سات سريرن جو
۽ ڪومل نند-نيھارن جو
ٻين پياس-ٻجھايل پيارن جو—
اڄ ھر شيءِ مون سان مرڻي آ
ھيءَ سارَ سنگھہ نہ ورڻي آ۔

(ڀڳت سنگھہ ڏانھن
ڏسي ٿو)

اڄ ديس اُجهامي ويو آهي
سو سُپنو ڪامي ويو آهي
جنهن ڪالهہ گلا گرمايا ها
۽ من من مچ مچايا ها؛
ڪلهہ لُٽ ۽ لُٽ ۾ للڪار هئي
چا ڌارين لاءِ ڌڪار هئي!
اڄ مان ڙهيءَ ۾ ڀڙڪ نہ آ
ڪنجهڪار نہ آ ڪا ڪڙڪ نہ آ
ڄڻ سارو ديس مري ويو آ!
اڄ منهنجو ڏيہ ڏري پيو آ،
مان هينئون هاري سوچان ٿو
هي جيون واري سوچان ٿو
مون چا لئہ جان گنوائي آ؟
چا، منهنجي ييٽ آجائي آ؟

[راج گرو اکيون ھٽي
سکديو ڏانهن ڏسي،
ڀڳت سنگهہ ڏانهن
ڏسي ٿو]

ڀڳت سنگهہ

(سکديو کي
گهوريندي): جي ڪوئي چاهي آزادي
ڪا چوري ناهي آزادي

جو ڪ‍ِڇهندو هو ڪ‍ِڇهہ ڪِرنديءَ کي!
هيءَ آڻ-سرندي هر سرنديءَ کي
من تان ميساريندي آهي
۽ اُپري ڏاريندي آهي
اوچا ڪوٽ غلاميءَ وارا؛
انساني آزادي، پيارا!
سر جي ستُ سوا ڪجهہ ناهي
ڇو جو ڪوبہ ڪِڙتيءَ جئن ڦاهي
جي تو کي آزادي ڏيندو
تو کي حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيندو،
دير نہ لڳندي آڙجي ويندين
زنجيرن ۾ جـــڙجـــي ويندين.

[ڪجهہ وقت تيءَ
۾ اچي وجي تـو
۽ پوءِ منهن مٿي
ڪري چوي تو]

جو جهٽ پٽ مٽڪو ساسيءَ جو
تو لوڙي جهٽڪو ڦاسيءَ جو
۽ لاشُ هوا ۾ لوڏي تو
سو هن ڌرتيءَ کي ڌوڏي ٿو
ڪجهہ صدين لئہ پونچال جيان ـــ
هي پنهنجو موت سوال جيان

ڪنهن وقت تہ اُيري اچڻو آ—
سو مدّة اڳي ٻو مچڻو آ
جو لهڪي سڀ کي لالُ ڪري
۽ جنهن سان ٻَر ٻَر ديس ٻري—
هر ماڻهو رڪڻ نہ ٽيڻو آ
جيوَنُ جي جڪڻ نہ ٽيڻو آ
ڪو صديون وڙهندو رهندو آ
۽ رتّة ۾ رڙهندو رهندو آ
ان منزل ڏانهن، حياتيءَ ۾
جا پاتي هٿي هَن جهاتيءَ ۾،
۽ جتن جتن وقت گذرندو آ
هو اڳڀ کان آڳرو ورندو آ،
ڪي ماڻهو آهن ڳاڻ- ڳڻيا
تو آرپي جن کي موتُ مٽيا
تاريخ اندر هـُو ڏڙڪن ٿا
ڪجهہ وقت اجهامي ڀڙڪن ٿا
هِنَ ڀَنڊ تي پنيت پنيت ٿي؛
ڪنهن وقت آچانڪ ڀَرگهـَت تي
هو پنهنجو پارڻ پارن ٿا
۽ ڳـَت ڳچين جا ڳارن ٿا.

[سکديو جي کلهي
تي هٿ رکي ٿو]

چا تنهنجي پيٽ اجائي آ؟
تو جيڪا چڻنگ لڳائي آ

ڪو مَچ اُنهيءَ مان مچڙو آ،
سو ڏينهن اکبي پو اچڙو آ
جو چَرَ جون اُبِيءَ اُڏارون ڏِي
۽ لَٽڻ لَٽڻ جون للڪارون ڏِي،
آنياءَ مٿان اُبري ايندو،
۽ اُن ڪان آجو ٿي ويندو.
ٻِي ماڻهو ڪهڙي ڪيپ ڪٿي!
تو واديون ڪَرمن ساڻ وٺي
تن ۾ ڪا چِڪ چِپائي آ،
هيءَ تنهنجي پيٽ سڄائي آ.

راج گرو (ٻٽ تان
اٿي سڪديو
ڏانهن اچي
ٿو):

هيءَ ڪهڙي ٻِتو جي ٻُڻ ٻُڻ آ؟
هيءَ تو ۾ ڇاجي اُٿ ٿڙآ ؟
مَنُ مورک ٿوڪي ٿو ڏاهي —

[منهن مٿي ڪري نارن
پري آڪاس ڏانهن
ڏسي ٿو]

آڪاس تہ ڪوئي وڻ آهي
۽ اُن جا پَنَ ستارن جان
ٿا ٽمڪن جهمڪن دور مٿان
۽ جيوَن اُنهيءَ آهہ اُئين

ڪو چرندڙ پرندڙ جيتُ جڻين
چوڻيءَ نسي ٻوٽين ٻنن مٿان
(آ جنهن ۾ جنڙ جي سنگهه اڃان)
پاتار ڏسي، پولار ڏسي
سو تم تم ڪارونڀار ڏسي
آ هر شيءِ جنهن جي گهيري ۾
ڪنهن آدي جوت انڌيري ۾—
ها، آن ۾ سڀ اڀناسي آ،
هي ڦاسي ڪنهن کي ڦاسي آ؟

[ڀڳت سنگهه ڏانهن
ڏسي، وري آڪاس
ڏانهن ڏسي ٿو]

وهه واهه ڀٽيءَ جا پويان پل!
ٿا ٽڙڪن ڪيڏا نيل-ڪنول
اڄ جهونجهڪڙي جي جهرٽي ۾!
ڪا سونجهه نه آهي مرٽي ۾؛
آ ڪيڏي هٻڪ هوائن ۾
آ ڪيڏو نور فضائن ۾
جڻ نيل-گگن جي ٻارن ۾
رابيل ٽڙن ٿا تارن ۾
هيءَ هير-لهڪ هيءَ ماڪ مٽهڪ،
هيءَ چانڊوڪيءَ جي چمڪ چٽهڪ،

۽ پنڇين جا ڦلوارين تي
ٿي پوپيان سَپنا تارين تي!
ٿي سڀڪجهہ مون ۾ رهئو آ
۽ مون سان ڪٿهہ ۾ ڪهئو آ،
ها، مون ۾ سڀ ابناسي آ
هيءَ ڦاسي ڪنهن کي ڦاسي آ؟

[ڪنجيءَ ڦرڻ جو آواز
ٿئي ٿو. سپاهي ڪوليءَ
جو ڪلف لاهي، دروازو
کولن ٿا ۽ ٽنهي کي ڦاسي
ڳهاٽ ڏانهن وٺي وڃن ٿا]

سکديو:

هي نيڻ نهارا وينڌَن جا
هي ترندا تارا وينڌَن جا
ٿا ڇُهڻن سڀ کي چوڄ منجهان
۽ ڳوڙها روڪي روڄ منجهان
ڪا مُرڪ اکين ۾ آڻن ٿا،
۽ پوپون پيرو ماڻن ٿا
هن ساري سونهن-سمندر کي
۽ جيوَنَ جي جل-مندر کي

[ڀڳت سنگهہ ڏانهن آڏي
اک سان ڏسي ٿو. ٻنهي جون

اکيون ملن ٿيون نہ سگهديو
اکيون جهُڪائي ڇڏي ٿو]

ڀڳت سنگهہ (ڏاڍيان
ڳائي ٿو) جئہ جنتني جنم ڀومي!
جئہ جنتني جنم ڀومي!

[راج گرو ڀڳت سنگهہ کي
سُر وٺائي ٿو ۽ ڪجهہ دير
ڪان پوءِ سگهديو بہ هنن
سان ڳائڻ ۾ شامل
ٿي وڃي ٿو ۽ ٽيئي گڏجي
ڳائيندا ڦاسي گهاٽ ڏانهن
وڃن ٿا]

جئہ جنتني جنم ڀومي!
تنهنجيءَ گود امرتا آهي
مٽيءَ کي مريادا آهي،
تنهنجي لاءِ مري مون ماڻا
جنم جنم جا مارڳ پاڻا
جئہ جئہ جنتني، جئہ جئہ جيجي!
جئہ جئہ ڌرتي، جئہ جئہ ڌرتي!
جئہ جنتني جنم ڀومي!

(پردو ڪري ٿو)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)